ABC
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 18 جنوري 2026ع 28 رجب المرجب 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (156)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۽ گڏيل مفادن وارن شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي سان آمريڪي سفير نيٽلي بيڪر جي قيادت ۾ وفد جي ملاقات، مستقبل ۾ هر سطح تي پاڪ آمريڪا تعاون مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪوآرڊينيشن بهتر بڻائڻ جو فيصلو

ملاقات ۾ ايف آءِ اي، فيڊرل ڪانسٽيبلري ۽ سائبر ڪرائيم ايجنسي جي آفيسرن لاءِ ٽريننگ پروگرامن، آمريڪا جي تعاون سان ايف آءِ اي ۾ سينٽر فار ٽرانسفارميشن ڪرائيم ۽ اڪيڊمي جي قيام جي معاملن بابت به ڳالهيون

ٻطرفي سيڪيورٽي تعاون بارڊر مينيجمينٽ جي سلسلي ۾ گڏيل سهڪار ۾ واڌ سميت آمريڪي ادارن اينٽي ٽيررسٽ اسسٽنس پروگرام ۽ بيورو آف انٽرنيشنل نارڪوٽڪس اينڊ لا انفورسمينٽ سان جاري تعاون مضبوط بڻائڻ تي اتفاق

مستقبل ۾ هر سطح تي پاڪ آمريڪا تعاون جو استحڪام ۽ ڪوآرڊينيشن ۾ بهتري ۽ پرڏيهه ۾ ڏوهن ۾ ملوث ماڻهن جي نشاندهي جديد سافٽ ويئر ذريعي ڪئي

بارڊر سيڪيورٽي ڪوسٽل گارڊز ۽ ٻين ادارن کي جديد آمريڪي اوزارن سان ليس ڪيو ويندو جديد اوزار سان بارڊر سيڪيورٽي ۽ ڪوسٽل گارڊز جي سگهه ۾ اضافو ٿيندو فيڊرل ڪانسٽيبلري جي نئين سر تنظيم سازي ڪئي ويندي

آمريڪي وفد سيڪيورٽي تعاون ۽ ٻه طرفه رابطا وڌائڻ لاءِ پاڪستان جي ڪوشش جي تعريف ڪئي، وقتي آمريڪي سفير گهرو وزارت ۽ آمريڪي ادارن وچ ۾ مختلف سطح تي جاري تعاون جي تعريف ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول واري وفاقي وزير محسن نقوي چيو آهي ته مستقبل ۾ هر سطح تي پاڪ آمريڪا تعاون جو استحڪام ۽ ڪوآرڊينيشن ۾ بهتري ۽ پرڏيهه ۾ ڏوهن ۾ ملوث ماڻهن جي نشاندهي جديد سافٽ ويئر ذريعي ڪئي ويندي، آمريڪي ادارن اينٽي ٽيررسٽ اسسٽنس پروگرام ۽ بيورو آف انٽرنيشنل نارڪوٽڪس اينڊ لا انفورسمينٽ سان جاري تعاون کي وڌايو ويندو اها ڳالهه هن آمريڪي سفير نيٽلي بيڪر جي اڳواڻي ۾ اعليٰ سطحي وفد سان ملاقات دوران چئي ان موقعي تي پاڪ آمريڪا لاڳاپن ۽ گڏيل
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

رياض: وفاقي وزير علي پرويز ملڪ سعودي عرب جي وزير شهزادي عبدالعزيز بن سلمان السعود سان ملاقات ڪري رهيو آهي

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران مٿاهين علائقن ۾ هلڪي برسات ۽ برفباري جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري پاران سرگوڌا ۽ اورماڙه ۾ افسوسناڪ روڊ حادثن ۾ قيمتي جانين جي نقصان تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

لاهور: وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهي آهي

اين ايف سي ايوارڊ ۾ ڪٽوتي قبول نه ڪنداسين سڀني صوبن کي سندن جائز حق ڏنا وڃن: وڏو وزير

دهشتگرد هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ڪراچي ۾ دهشتگردي جو وڏو منصوبو ناڪام بڻائي بارودي ۽ حساس مواد هٿ ڪيو ويو آهي

حضرت لعل شهباز قلندر جي عرس جي انتظامن جي پاڻ نگراني ڪري رهيو آهيان، زائرين کي هر ممڪن سهولتون ۽ سيڪيورٽي سميت سمورا انتظام فول پروف بڻايا وڃن

سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ دهشتگردي جا خدشا موجود آهن پر سيڪيورٽي ايجنسين ۽ انٽيليجنس ادارن سان گڏجي جامع حڪمتِ عملي جوڙي وئي آهي ۽ دهشتگردي کي شڪست ڏني ويندي

نيشنل فنانس ڪميشن جي ڪميٽي قائم ٿي چڪي آهي ۽ ان ۾ مختلف تجويزون زيرِ غور آهن. هن واضح ڪيو ته پيپلز پارٽي جو واضح موقف آهي ته ڪابه ڪٽوتي نه ٿيڻ گهرجي

سنڌ صوبي پنهنجي وسيلن ۾ اضافو ڪندي سيلز ٽيڪس ۽ سروسز مان آمدني وڌائي آهي، ايف بي آر کي به پنهنجي آمدني وڌائڻ گهرجي جيڪو فيصلو سڄي ملڪ جي مفاد ۾ هوندو

دادو ۾ مبينا پوليس مقابلي دوران مارجي ويل نوجوان نادر جمالي جي ڪيس جي صوبائي وزير گهرو وزير پاڻ نگراني ڪري رهيو آهي ان جي شفاف جاچ کي يقيني بڻايو ويندو

سيوهڻ/ ڀان سيدآباد (رپورٽ: اعجاز سولنگي محمد اسحاق ميمڻ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته دهشتگرد هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جڏهن ته به هفتا اڳ ڪراچي ۾ دهشتگردي جو وڏو منصوبو ناڪام بڻائي بارودي ۽ حساس مواد هٿ ڪيو ويو اين ايف سي ايوارڊ ۾ صوبن جي حصي ۾ ڪٽوتي نه
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2


ڀان سيد آباد: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ طاس معاهدي خلاف ڀارتي قدمن تي آمريڪي رسالي پاڪستان جي حمايت ڪري ڇڏي

ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي جي معطلي کان پوءِ ڏکڻ ايشيا ۾ پاڻي جي سياست نئون رخ اختيار ڪري ورتو

معاهدي جي معطلي سبب علائقائي ڇڪتاڻ وڌائيندڙ ڀارت جو ڌمڪيون ڏيندڙ اسٽيج-11 منصوبو سنڌ طاس معاهدي جي خلاف قدم قرار

پاڻي جو بحران ڏکڻ ايشيا ۾ وڏو انساني خطرو بڻجي سگهي ٿو، ڀارت طرفان آبي ڊيٽا جي فراهمي روڪڻ عالمي قانون جي ڀڃڪڙي آهي: دي نيشنل انٽرسٽ

عالمي ثالثي واري عدالت واضح چيو آهي ته ڀارت سنڌ طاس معاهدو هڪ طرفي طور تي معطل نٿو ڪري سگهي: رپورٽ

اسلام آباد (م ڊ) ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي جي معطلي کان پوءِ ڏکڻ ايشيا ۾ پاڻي جي سياست نئون رخ اختيار ڪري ورتو آهي. دي نيشنل انٽرسٽ موجب سنڌ طاس معاهدي جي معطلي علائقائي ڇڪتاڻ وڌائيندڙ ڀارت جو ڌمڪيون اسٽيج-11 منصوبو سنڌ طاس معاهدي جي خلاف قدم
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سوات ۾ گرنيڊ ڦاٽڻ سبب ٻارڙو فوت، نياڻي شديد زخمي

پشاور (اي پي پي) سوات جي تعلقي مٽا جي علائقي اريشه ۾ ڪچري جي ڍير تي گرنيڊ ڦاٽڻ سبب 7 ورهين جو ٻارڙو
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سرگوڌا ويجهو گاڏي واهه ۾ ڪرڻ سبب 14 ماڻهو فوت، 9 زخمي

ڌنڌ سبب ڊرائيور کي موڙ جي ڪان مقامي رستو اختيار ڪرڻو پيو: پوليس

سرگوڌا (اي پي پي) شديد ڌنڌ ۽ تيز رفتاري سبب ڪوٽ مومن ٿاڻي جي علائقي غلام پور ويجهو گاڏي سڪل واهه ۾ ڪرڻ سبب
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ايمان مزاري ۽ هادي علي کي گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم

اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ تڪراري ٽوئيٽس ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

صدر اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ٽن ايڊيشنل ججن جي مستقل جج طور مقرري جي منظوري ڏئي ڇڏي

مملڪت آئين جي آرٽيڪل 193 تحت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ايڊيشنل ججن جي مستقل جج طور مقرري جي منظوري ڏني وئي

صدر مملڪت جي منظوري سان جسٽس محمد اعظم خان، جسٽس محمد آصف ۽ جسٽس انعام امين منهاس مستقل جج بڻجي ويا

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ٽن ايڊيشنل ججن جي مستقل جج طور مقرري جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي قانون ۽ انصاف واري وزارت طرفان گذريل ڏينهن
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

هلندڙ سال 7 لک ٻارن کي آءِ ٽي تربيت فراهم ڪنداسين: شزا فاطمه

وزيراعظم جي اڳواڻي ۾ عوام کي جديد ترين ٽيڪنالاجي تائين رسائي پهرين ترجيح آهي

عوام کي جديد ترين ٽيڪنالاجي تائين رسائي پهرين ترجيح آهي، سمورا وسيلا ڪم آڻا پيا وڃن

لاهور (اي پي پي) انفارميشن ۽ ٽيڪنالاجي واري وفاقي وزير شزا فاطمه خواجه چيو آهي ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي اڳواڻي ۾ عوام کي جديد ترين ٽيڪنالاجي تائين رسائي پهرين ترجيح آهي، حڪومتي مثبت پاليسين عيوض آءِ ٽي سيڪٽر کي هٿي حاصل آهي نوجوان قيمتي اثاثو آهن
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبلي ۾ ڪنهن کي به پاڪستان، عدليه ۽ فوج مخالف ڳالهه نه ڪرڻ ڏينداسين: سردار اياز صادق

ڪو به ججز جي ڪردار تي ڳالهه ڪندو ته اجازت نه ملندي، منهنجي ذميواري آهي ته پارليامينٽ ڪيئن هلائڻو آهي

پاڪستان جي معيشت مضبوط ۽ ذخيرا وڌي رهيا آهن، ريميٽنس لاءِ چيو ويو هو ته نه موڪليو پر هاڻي به 50 ارب ڊالرن تائين پهچي ويا

آمريڪا سان ڳالهيون چين، روس ۽ سعودي عرب سان به دوستي آهي اهو ملڪ ٻڌايو جنهن سان اسان جي دوستي ناهي: اسپيڪر قومي اسيمبلي

لاهور (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق چيو آهي ته ڪنهن کي به پارليامينٽ ۾ رياست، عدليه ۽ فوج مخالف ڳالهه ڪرڻ نه ڏينداسين، ڪو به ججز جي ڪردار تي ڳالهه ڪندو ته اجازت نه ملندي، اهي شيون آئين ۾ آهن ۽ اها منهنجي ذميواري آهي ته مون کي پارليامينٽ ڪهڙي طريقي هلائڻو آهي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

لاهور ۾ سي ٽي ڊي جون ڪارروايون، را جي ايجنٽ سميت 49 دهشتگرد گرفتار

گرفتار ڀارتي ايجنٽ جي قبضي مان بارودي مواد، هٿيار ۽ اهم سرڪاري، حساس عمارتن جا نقشا هٿ آيا

دهشتگرد مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪري عوام ۾ خوف ۽ هراس پکيڙڻ چاهيو ٿي: سيڪيورٽي عملدار

ڪارروايون لاهور، راولپنڊي، جهلم، ٽوبه ٽيڪ سنگهه، حافظ آباد، چڪوال، گوجرانوالا، ڊي جي خان ۽ فيصل آباد ۾ ڪيون ويون

لاهور (م ڊ) دهشتگردي جي خدشن کي نظر ۾ رکندي ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) پنجاب جي مختلف شهرن ۾ ڪارروايون ڪيون جنهن جي دوران ڀارتي ڳجهي ايجنسي جي ايجنٽ سميت 49
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

شام جي صدر ڪرد ٻولي کي قومي ٻولي قرار ڏئي ڇڏيو، فرمان جاري

دمشق (اي پي پي) شام جي صدر احمد الشرع ڪرد ٻولي کي قومي ٻولي قرار ڏئي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

لاهور: وزيراعظم يوٿ پروگرام جو چيئرمين رانا مشهود انٽرنيشنل ريسرچ ڪانفرنس ۾ شريڪ مهمانن کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

آمريڪي صدر غزه جي بورڊ آف پيس لاءِ ٽوني بليئر ۽ مارڪو روبيو جي نامزدگي جو اعلان ڪري ڇڏيو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پرڏيهي وزير مارڪو روبيو ۽ برطانيه
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

همدرد يونيورسٽي اسلام آباد ڪيمپس ۾ شهيد حڪيم محمد سعيد جي ياد ۾ "يادون ڳالهيون" جي عنوان سان تقريب

شهيد حڪيم محمد سعيد پاڪستان جي اصل سڃاڻپ، علم ۽ خدمت جو ميلاپ هو: مشاهد حسين

شهيد حڪيم محمد سعيد نوجوانن کي امتِ مسلمه جو مستقبل سمجهندو هو ۽ صحت جي شعبي ۾ متوازن ۽ جامع نظام جو حامي هو

تقريب ۾ معزز شخصيتن، صحت جي ماهرن، تعليم دانن، شاگردن ۽ قومي توڙي بين الاقوامي ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي

ليفٽيننٽ جنرل (ر) معين الدين حيدر، اڳوڻو گورنر سنڌ، شهيد حڪيم محمد سعيد کي هڪ غير متنازع قومي هيرو قرار ڏنو

اسلام آباد (م ڊ) همدرد يونيورسٽي اسلام آباد ڪيمپس جي اهتمام هيٺ ٻڌي همدرد فائونڊيشن پاڪستان شهيد حڪيم محمد سعيد جي زندگي، ويزن ۽ عظيم خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ٽوڪيو: وزيراعظم جو ڪوآرڊينيٽر رانا احسان افضل خان ڪانفرنس ۾ شريڪ آهي

سن ۾ جديد قومپرستي جي باني سائين جي ايم سيد جي 122 هين سالگرهه ملهائي وئي، ڪيڪ ڪٽيا ويا

پاڪستان حڪمرانن جو نه پر عوام جو آهي، سڀني صوبن کي خودمختياري ڏني وڃي: زين شاهه/ محمود اڇڪزئي

سنڌ ڌرتي هزارين سال پراڻي آهي، سرائيڪي، پنجابي، ڪي پي ڪي، بلوچستان به تاريخي آهن

اسان امن امان جي صورتحال بهتر چاهيون ٿا، ۽ پنهنجي حق لاءِ جدوجهد ڪريون پيا

عوام کان حق کسيا ويا آهن، وفاق جو نظام ناهي رهيو، اسان جي جدوجهد حق ۽ سچ جو رستو آهي

سن (رپورٽ: عرفان برفت) جديد قومپرستي جي باني سائين جي ايم سيد جو 122 هون جنم ڏينهن پروقار نموني، عقيدت احترام سان ملهايو ويو ان سلسلي ۾ سنڌ
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سن: ايس يو پي جو صدر سيد زين شاهه، مخالف ڌر جو اڳواڻ محمود اڇڪزئي، اڳوڻو اسپيڪر اسد قيصر ۽ ٻيا سائين جي ايم سيد جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪٽيندي

سن: قومپرست اڳواڻ رياض چانڊيو، ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، نواز پاڏائي، پنهل ساريو ۽ ٻيا سائين جي مزار تي گل نڇاور ڪري رهيا آهن

سائين جي ايم سيد سنڌين کي عالمي اصولن تحت دنيا جي قومن سان گڏ بيهاريو: صنعان قريشي

سيد جي فڪر جي روشنيءَ ۾ شهيد بشير قريشي، عدم تشدد جي راهه تي پنهنجو سر قربان ڪري ڇڏيو

سنڌ ۾ لاقانونيت وڌي وئي آهي ۽ قبيلائي جهيڙن ۾ خاندانن جا خاندان تباهه ٿي رهيا آهن

قبيلائي جهڳڙا ختم ڪرائڻ لاءِ سڄي سنڌ ۾ جدوجهد ڪنداسين 11 فيبروري تي شڪارپور ۾ امن ريلي ڪڍي ويندي

ڄامشورو : رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي 122هين سالگرهه جي موقعي تي سن ۾ جيئي سنڌ قومي محاذ مرڪز طرفان جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي جي صدارت ۾ جلسو ڪيو ويو جلسي کان پهرين جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي آڪاش ملاح فقير رمضان ڪلوڙ محمد رمضان خاصخيلي، صفدر ٿيبو علي انور چانڊيو عزيز شيخ سميع بلاول آزاد ڪنهر
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سن: جسقم چيئرمين صنعان قريشي سائين جي ايم سيد جي سالگرهه جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ جي حڪمرانن خلاف زبردست تحريڪ جي ضرورت آهي: جماعت اسلامي اڳواڻ

جماعت اسلامي جي اڳواڻ نصرالله عزيز چنا
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سن: جيئي سنڌ تحريڪ جا اڳواڻ سائين جي سالگرهه تقريب ۾ شريڪ آهن

رهبر ڪميٽي پاران قافلن رستا روڪ، گرفتارين ۽ ڇاپن خلاف مظاهرن جو اعلان

اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وفد جي صورت ۾ سائين جي ايم سيد جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو

ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، رياض چانڊيو، نواز شاهه پاڏائي، پنهل ساريو ۽ ٻين سيد جي مزار تي حاضري ڀري

سن: رهبر ڪميٽي پاران سن جي گهيراءُ، گرفتارين ۽ ڇاپن خلاف 20 جنوري تي قومي قافلن آڏو رڪاوٽون ڪڙيون ڪرڻ
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سائين جي ايم سيد رڳو سنڌ جو نه پر عالم انسانيت جو رهبر هو: اڳواڻ

سن: جلسي کي پي ٽي آئي سنڌ جي اڳواڻ
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سنڌ يونائيٽڊ پارٽي طرفان سيد جي مزار تائين مشعل بردار ريلي ڪڍي وئي

رات جو درياهه واري بنگلي تي مچ ڪچهري ۽ صوفياڻي راڳ جي محفل ڪرائي وئي

سنڌ جي مشهور صوفي راڳين پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو محفل پرهه ڦٽي تائين جاري رهي

سن (رپورٽ: عرفان برفت) جديد قومپرستي جي باني سائين جي ايم سيد جو 122 هون جنم ڏينهن پروقار نموني، عقيدت احترام سان ملهايو ويو ان سلسلي ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران 17 جنوري تي سن ۾
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

مختلف فورمن طرفان رت عطيي لاءِ الڳ الڳ ڪيمپون قائم ڪيون ويون

ڄامشورو : سائين جي ايم سيد جي 122
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

رينوري لڳ جي ايم سيد جي سالگرهه ۾ ويندڙ قافلن کي پوليس روڪي ڇڏيو، احتجاج ڌرڻو

جسقم آريسر جي اسلم خيرپوري ۽ جسمپ جي نواز خان زنئور جي قافلن کي پوليس روڪيو

قومي ڪارڪن سجاول حيدرآباد روڊ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ٽريفڪ معطل

پرامن قومي ڪارڪنن جي رستا روڪ ڪري رياستي ڌاڙ جو ثبوت ڏنو ويو آهي: مظاهرين

ميرپوربٺورو (نئون ع) ميرپوربٺورو مان ايم سيد جي سالگرهه ۾ شرڪت لاءِ ويندڙ جسقم آريسر جي چيئرمين اسلم خيرپوري ۽ جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زنئور جي قافلن کي پوليس روڪي ڇڏيو قومي ڪارڪنن جي پوليس ۽سنڌ حڪومت خلاف سخت نعري بازي جنهن بعد ڪافي دير پوليس سان بحث بعد جسقم آريسر جي چيئرمين اسلم خيرپوري، جيئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زنئور ۽ وڏي تعداد ۾ قومي ڪارڪن
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن جي وفد سيد جي مزار تي حاضري ڀري

ڄامشورو : سائين جي ايم سيد جي 122
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ايس يو پي پاران 8 فيبروري تي ڦيٿاروڪ ۽ شٽربند هڙتال جو اعلان

حڪمرانن ظلم جي انتها ڪري ڇڏي سن ايندڙ سمورا رستا بند ڪيا ويا: زين شاهه

حقيقي جمهوريت جي بحالي ۽ آئيني ترميمن خلاف اتحادين سان گڏجي هڙتال ڪنداسين

سن: سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر زين شاهه حقيقي جمهوريت جي بحالي ۽ آئيني ترميمن خلاف 8 فيبروري تي اتحادي تنظيمن سان گڏجي ڦيٿاروڪ ۽ شٽربند هڙتال جو اعلان ڪندي چيو آهي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سن: سنڌين نيشنل ڪانگريس پاران سائين جي سالگرهه جي جلسي ۾ اڳواڻ اسٽيج تي ويٺل آهن

قومي ڪارڪنن، اديبن، شاعرن، فنڪارن، وڪيلن، صحافين جا قافلا سن پهتا

ڄامشورو: سن ۾ سائين جي ايم سيد سالگرهه جي تقريبن ۾ شرڪت ڪرڻ جي لاءِ سيد جي فڪري پوئلڳن قومي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

سائين جي ايم سيد جي سالگره جي موقعي تي مختلف پبلشرز پاران ڪتابن جا اسٽال لڳايا ويا

ڄامشورو : سائين جي ايم سيد جي 122
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سن سميت مختلف هنڌن تي وڏي انگ ۾ پوليس ۽ رينجرز مقرر، قافلن جي رستا روڪ

شهر ۽ انڊس هاءِ وي جي مختلف هنڌن تي پوليس ۽ رينجرز اهلڪارن جو گشت رهيو

قومي جهنڊا کڻي ويندڙ ڪارڪنن کي روڪي کان آڏا پڇا ڳاڇا پڻ ڪئي وئي

ڄامشورو : سائين جي ايم سيد جي 122 هين سالگرهه جي موقعي تي سن شهر ۽ انڊس هاءِ وي جي مختلف هنڌن تي پوليس ۽ رينجرز اهلڪارن جو گشت رهيو جڏهن ته مختلف هنڌن تي وڏي انگ ۾
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڄامشوري لاڳ سن تائين انڊس هاءِ وي تي اڄياڻي جون ڪيمپون قائم ڪيون ويون

ڄامشورو : سائين جي ايم سيد جي 122 هين سالگرهه جي موقعي تي ضلعي ڄامشوري جي سيوهڻ ڄامشورو انڊس هاءِ وي تي اڄياڻي ڪيمپون ۽ روڊ جي ٻنهي طرفن کان جيئي سنڌ ۽ ايس يو پي جي جهنڊن سان سينگاريو ويو هو

ڪراچي ۾ 100 کان وڌيڪ معصوم ٻارن سان زيادتي ۾ ملوث جوابدار ساٿي سميت گرفتار

ٽيپو سلطان ٿاڻي جي پوليس هڪ متاثر ٻار جي نشاندهي تي مک جوابدار عمران ۽ وقاص خان کي سوگهو ڪيو

مختلف علائقن ۾ معصوم ٻارڙن سان زيادتي ٿي، ست ڪيسن ۾ هڪ ئي شخص جو ڊي اين اي مليو

ايڊيشنل آءِ جي جي حڪم تي جوڙيل پوليس ٽيم 11 ڏينهن جي اندر جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پوليس وڏي ڪارروائي ڪندي 100 کان معصوم وڌيڪ ٻارن سان زيادتي ۾ ملوث جوابدار کي ساٿي سميت گرفتار ڪري ورتو ايس ايس پي انويسٽيگيشن عثمان سدوزئي دعويٰ ڪئي آهي ته اسان جي ٽيم متاثر ٻار جي نشاندهي تي ٽيپو سلطان ۾ ڪارروائي ڪئي مک جوابدار عمران ۽ وقاص خان
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

گاڏين جا پنڪچر لڳائيندڙ جوابدار پاران ڪيترن ئي ٻارڙن سان زيادتي جو اعتراف

جوابدار معصوم ٻارن کي لالچ ڏئي ملير ندي پرسان وٺي وڃي زيادتي جو نشانو بڻائيندو هو

چئن ڪيسن ۾ متاثر ٿيل ٻارن جوابدار بنهي جوابدارن کي سڃاڻي ورتو آهي : پوليس

ڪراچي: جوابدار عمران منظور ڪالوني جو رهواسي آهي ۽ گاڏين کي پنڪچر لڳائيندو آهي، هن 6 سالن ۾ ڪيترن ئي ٻارن سان
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پوليس ٻارڙن سان زيادتي ڪندڙ جوابدارن کي سزا ڏيارڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي: وڏو وزير

ڪراچي: وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

اي آءِ جي پاران پوليس ٽيم لاءِ تعريفي سرٽيفڪيٽس ۽ نقد انعام ڏيڻ جو اعلان

ڪراچي : ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

خيرپور: اڄڻ ۽ ڪليري برادرين جو خوني تڪرار جو نبيرو، هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ جو ڏنڊ مقرر

تڪرار جو نبيرو مير عابد خان جتوئي، سردار ذوالفقار ڪماريو ۽ پير خواجه عبدالحق فاروقي جي سرپنچي ۾ ٿيو

ڪليري برادري تي ٻه خون ثابت ٿيڻ تي 60 لک رپيا ۽ اڄڻ برادري تي هڪ خون ثابت ٿيڻ تي 45 لک رپيه ڏنڊ لڳايو ويو

ڌرين فيصلو قبول ڪندي ڪير ڪنڌ ٿي ويون، فيصلي بعد کهڙا ۽ درٻ ميهر شاهه جي علائقن ۾ خوشي جي لهر

خيرپور (عبدالمجيد ڀنڀرو) اڄڻ ۽ ڪليري برادري جي ڌرين ۾ هلندڙ خوني تڪرار جو نبيرو درگاهه حضرت سچل سرمست جي سجاده نشين پير خواجه عبدالحق فاروقي جي رهائشگاهه تي مير عابد خان جتوئي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سڄي پنجاب ۾ 1130 روڊ حادثا رڪارڊ، 24 ڄڻا فوت، 1294 زخمي

حادثن ۾ وڌيڪ انگ (72 سيڪڙو) موٽر سائيڪلن جو آهي: ريسڪيو عملدار

لاهور (اي پي پي) سڄي پنجاب ۾ 1130 ٽريفڪ حادثن ۾ 24 ڄڻا فوت ۽ 1294 زخمي ٿي پيا. ريسڪيو ترجمان
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

مودي جي حڪومت ظلم جي انتها ڪري ڇڏي: مشعال ملڪ

ڪشميري قيادت کي ڪوڙن ڪيسن سان ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

ڪوڙن ڪيسن ذريعي ڪشميري قيادت کي آهستي آهستي جيلن ۾ وڌو پيو وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) حريت اڳواڻ ياسين ملڪ جي گهرواريءَ مشعال حسين ملڪ چيو آهي ته نريندر مودي جي حڪومت
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ايس آءِ ايف سي ملڪي ۽ بين الاقوامي سيڙپڪاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪري پئي: گورنر

پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات جا پائيدار لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ٿي رهيا آهن

گورنر هائوس ۾ گڏيل عرب امارات جي شاهي خاندان جي وفد سان ملاقات دوران ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي ته اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل (ايس
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي مرڪزي وفد جي اياز لطيف پليجي سان ملاقات

محمود خان اڇڪزئي، اسد قيصر ۽ ٻين اڳواڻن 26هين ۽ 27هين آئيني ترميمن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي

سنڌو درياهه، آئين ۽ پارليامينٽ ملڪ کي جوڙيندڙ بنياد آهن، گورننس بحران سنگين آهي: اياز پليجو

ملڪ جي بهتري شفاف چونڊن ۽ پارليامينٽ جي بالادستي سان ٿيندي، آئين ۽ قانون کي نظرانداز ڪرڻ جا سنگين نتيجا نڪرندا: محمود

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد: تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي مرڪزي وفد قومي اسيمبلي جو اپوزيشن ليڊر ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جو چيئرمين محمود خان اڇڪزئي ۽ قومي اسيمبلي جو اڳوڻو اسپيڪر پي ٽي آءِ جو اڳواڻ اسد قيصر علامه عباس ناصر جي اڳواڻي ۾ قومي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جو اڳواڻ محمود اڇڪزئي، اڳوڻو اسپيڪر اسد قيصر ۽ ٻيا قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي سان ملاقات ڪري رهيا آهن

راهوڪي ۾ سنڌ جي انقلابي اڳواڻ شهيد عوام محمد فاضل راهو جي ورسي ملهائي وئي

فاضل کي اسان سڀ سورهيه سڏيندا آهيون، سنڌ تان سر قربان ڪندڙ جون هر وقت يادون زنده آهن: نثار کهڙو

شهيد محمد فاضل راهو هارين مقامي ماڻهن جي حقن لاءِ وڙهيو هو آمر ۽ جابر سان مهاڏو اٽڪايو: اسماعيل راهو

شهيد فاضل راهو جا خواب اڄ به ادورا آهن، هارين جا مسئلا، زمينن جي حقن ۽ معاشي ناانصافين اڃا به برقرار آهن: رسول بخش چانڊيو ۽ ٻين جو خطاب

بدين/ گولاڙچي (نمائندن وڪان) سنڌ جي هارين جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ عوامي تحريڪ جي سربراهه شهيد عوام محمد فاضل راهو جي 39 هين ورسي راهوڪي ۾ عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي ورسي
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

گولاڙچي: شهيد فاضل راهو جي ورسي تقريب کي نثار کهڙو، اسماعيل راهو، رسول بخش چانڊيو ۽ ٻيا خطاب ڪري رهيا آهن

ڪراچي ايئرپورٽ تي ٻن مسافرن کان 100 تولا سون جون 10سرون ۽ آمريڪي ڊالر هٿ

پاڪستان ڪسٽمز جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي سون اسمگل ڪرڻ جي ٻن ڪوششين ناڪام بڻايو

دبئي ۽ استنبول ويندڙ مسافرن کان 100 تولا سون 11 هزار 900 آمريڪي ڊالر هٿ ڪيا ويا

ڪسٽم ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ڪسٽمز جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچي تي سون اسمگل ڪرڻ جي ٻن ڪوششين ناڪام بڻايون جنهن ۾ 100 تولا سون 11هزار 900 آمريڪي ڊالر ضبط ڪيا ويا. جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي ٻن الڳ الڳ ڪارروائين ۾ 10 سون جون سرون هٿ ڪيون اختيارين موجب سون اسمگلنگ جي ٻنهي ڪيسن جي ڪل قيمت 5 ڪروڙ 6 لک 82 هزار رپيا آهي. دبئي ۽ استنبول ويندڙ مسافرن کان سون ۽ پرڏيهي ڪرنسي هٿ ڪئي وئي جنهن کان پوءِ ڪسٽم ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ۽ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي عملدارن جو چوڻ آهي ته ايف بي آر اسمگلنگ کي روڪڻ ۽ قومي آمدني جي حفاظت لاءِ پرعزم آهي.

سيد جو فڪر قوم لاءِ شعور، سائنسي سوچ جي رهنمائي ڪري ٿو: سنڌ نيشنل ڪانگريس

چيف آرگنائيزر سارنگ جويو، اعزاز لغاري ۽ ٻين اڳواڻن ۽ ريلي ڪڍي جلسي منعقد ڪيو

سڄي سنڌ ۾ تنظيم سازي ۽ تربيتي ڪلاس منظم ڪري تنظيمي رسالو جاري

ڄامشورو : رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي 122هين سالگرهه جي موقعي تي سنڌ نيشنل ڪانگريس پاران سن هاءِ اسڪول کان رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي مزار تائين مرڪزي چيف آرگنائيزر محب آزاد، مرڪزي ڊپٽي چيف آرگنائيزر سارنگ جويو، مرڪزي آرگنائيزر اعزاز لغاري، مرڪزي آرگنائيزر سهڻي جويو مرڪزي آرگنائيزر محسن سولنگي سنڌين نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي مرڪزي چيف آرگنائيزر غني امان چانڊيو، مرڪزي ڊپٽي چيف آرگنائيزر عديل لغاري جي اڳواڻيءَ ۾ شاندار ريلي ۽ سياسي جلسي جو اهتمام ڪيو ويو. تقريب ۾ سنڌ نيشنل ڪانگريس جي مرڪزي قيادت، سنڌي نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي اڳواڻن سميت وڏي انگ ۾ عورتن، ٻارڙن ۽ قومي ڪارڪنن ڀرپور شرڪت ڪئي ريلي دوران قومي ڪارڪنن جي هٿن ۾ قومي جهنڊا ڪنيل هئا، جيڪي رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي فڪر سنڌ جي خوشحالي ۽ قومي حقن جي حق ۾ زوردار نعرا هڻيا ويا. رهبر جي مزار تي پهچي گلن جي چادر چاڙهي پيڙا پيش ڪئي وئي سنڌ نيشنل ڪانگريس ڪراچي ڊويزن جي ڊپٽي چيف آرگنائيزر غني عاجز، آيل مهمانن کي آجياڻو ڏنو جڏهن ته هن جلسي جي ڪارروائي غني عاجز ساٿول سنڌي ۽ گلاب تاريجي هلائي. ان موقعي تي جلسي کي خطاب ڪندي سنڌين نيشنل ڪانگريس جي مرڪزي چيف آرگنائيزر ايڊووڪيٽ محب آزاد، مرڪزي ڊپٽي چيف آرگنائيزر سارنگ جويو، مرڪزي آرگنائيزر سهڻي جويو محسن سولنگي اعزاز لغاري، سنڌين نشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي مرڪزي چيف آرگنائيزر غني امان چانڊيو مرڪزي ڊپٽي چيف آرگنائيزر عديل لغاري ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد سنڌي قوم جو عظيم مفڪر هو جنهن جو فڪر جديد قومپرستي سيڪيولرزم سوشلزم ۽ انسان دوستيءَ جي مضبوط بنيادن تي بيٺل آهي اڳواڻن چيو ته رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي سالگرهه سنڌي قوم لاءِ عيد جيان آهي ڇاڪاڻ ته سندس فڪر سنڌي قوم کي شعور سائنسي سوچ ۽ جديد سياسي تنظيم ڏانهن رهنمائي ڪري ٿو اڳواڻن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته قومي ڪارڪنن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو پيو وڃي، ڪيترن ئي شهرن ۾ سنڌ نيشنل ڪانگريس ۽ قومي تحريڪ جي ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ پرامن ريليون روڪيون ويون آهن جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا. اڳواڻن واضح ڪيو ته جيڪڏهن گرفتار ڪيل قومي ڪارڪنن کي 12 ڪلاڪن اندر آزاد نه ڪيو ويو ته سڄي سنڌ ۾ پرامن احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي.

...

حڪومت سنڌ
بهبود آبادي کاتو
11هين ماڙ، اين آءِ سي ايل بلڊنگ، پرسان گورا قبرستان ، ڪراچي
ڪراچي، تاريخ: 16 جنوري 2026
No: PWDS/Public Notice/2026-79

عام اطلاع

عام شهرين کي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته ڪنهن نامعلوم شخص طرفان بهبود آبادي کاتي، سنڌ ۾ BPS-01 کان BPS-05 تائين جي نوڪرين بابت هڪ جعلي اشتهار 02-01-2026تي سوشل ميڊيا تي هلايو ويو هو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي بي روزگار ماڻهو نوڪرين لاءِ درخواستون موڪلي رهيا آهن.

هي کاتو مذڪوره اشتهار کي مڪمل طور تي رد ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته اهو جعلي آهي. شهرين کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته اهي انهن جعلي اعلان ڪيل پوسٽن لاءِ درخواست ڏيڻ کان پاسو ڪن.ڀرتي واري پاليسي مطابقBPS-01 کان BPS-04تائين جي پوسٽن لاءِ لاڳاپيل ضلعي آفيسن طرفان ضلعي سطح تي اشتهار شايع ڪرايا ويندا ،جڏهن ته BPS-05 کان BPS-15تائين جي پوسٽن لاءِسنڌ جاب پورٽل تي اشتهار ڏنو ويندو.

عيسو خان جمالي
سيڪشن آفيسر(جنرل)

i WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/0171/2026

سنڌي ايڊيشن

انچارج: مجيب ناريجو

IBRAT SANSAR

عبرت سنسار

Ibratsansar@yahoo.com

آچر 18 جنوري 2026ع

آمريڪا، چين ۽ روس جي وچ ۾ دنيا جي وڏي طاقت بڻجڻ واري ڊوڙ

بي بي سي

[illegible]

اختيار ڪيو جنهن ۾ اولهندي اڌ گول کي يورپي اثر کان آزاد رکڻ جي ڳالهہ ڪيل هئي. ان کان هڪ وک اڳتي وڌي زور ڏنو تہ آمريڪا کي سڄي اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا کي محفوظ بڻائڻ لاءِ سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

ان دور ۾ آمريڪا وينزويلا ۽ ڊومينيڪن ريپبلڪ جهڙن ملڪن کي مالي مدد فراهم ڪئي، جڏهن تہ هيٽي ۽ نڪاراگوا ۾ فوجون بہ مقرر ڪيون هيون.

پنهنجي ٻئي دور جي شروعات کان وٺي، صدر ٽرمپ آمريڪا جي ويجهن علائقن ۽ مسئلن ۾ گهري دلچسپي ڏيکاري آهي. وينزويلا جي صدر نڪولس مادورو کي ڪاراڪاس ۾ فوجي آپريشن ذريعي ڪٺي قيد ڪرڻ ان جو وڏو مثال آهي. هن لاطيني آمريڪي ملڪن تي پابنديون لاڳو ڪري دٻاءُ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ڪيترن ئي ملڪن ۾ چونڊن دوران چونڊيل اميدوارن جي حمايت جو اعلان ڪيو. ان کان علاوه، هن بار بار گرين لينڊ، پاناما ڪينال ۽ سڄي ڪينيڊا کي آمريڪا سان ملائڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي. تازو جاري ڪيل وائيٽ هائوس قومي سلامتي حڪمت عمليءَ ۾ چيو ويو آهي تہ "آمريڪا جي سلامتي ۽ خوشحالي جي ضرورت آهي تہ ان کي ڌرتيءَ جي اولاهين اڌ گول جي ٻين ملڪن کان گهٽ اڳتي هجڻ گهرجي تہ جيئن آمريڪا جڏهن ۽ جتي ضرورت هجي اعتماد سان پنهنجو حڪم هلائي سگهي."

ان پاليسيءَ جو هڪ مقصد ٻين عالمي طاقتن، خاص طور تي چين پاران آمريڪا جي انهن پاڙيسرين، جيڪي آمريڪي مفادن بابت عالمي سياسي خدشن سان ٽڪراءَ ۾ اچي سگهن ٿا، تي اثر انداز ٿيڻ جي ڪوششن جو مقابلو ڪرڻ آهي.

ان کان علاوه، ٽرمپ دنيا جي ٻين ملڪن سعودي عرب، قطر ۽ گڏيل عرب رياستن سميت وچ اوڀر وارين رياستن سان اقتصادي ۽ سيڪيورٽي لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ ۾ گهري دلچسپي ڏيکاري آهي.

ڊونلڊ ٽرمپ ۽ سندس ويجهن صلاحڪارن اهو خيال ظاهر ڪيو آهي تہ "آمريڪا اولهندي تهذيب جو محافظ آهي ۽ انهن قوتن جي خلاف آهي جيڪي ان جي ثقافت ۽ روايتن کي تباهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون." اهو ظاهر ڪري ٿو تہ جڏهن تہ آمريڪي پرڏيهي پاليسي واقعي 'آمريڪا سڀ کان پهريان' واري پاليسي سان ڳنڍيل آهي. آمريڪا جي 250 سالن جي تاريخ دوران، ان جي پرڏيهي پاليسي الڳ ٿيڻ ۽ مداخلت پسندي، مثاليت ۽ عمليت پسنديءَ جي وچ ۾ ڦاٿل رهي آهي. بهرحال ان جو دارومدار آمريڪا جي فوجي طاقت ۽ عوام ۽ اڳواڻن جي نقطہ نظر تي آهي. جيتوڻيڪ ٽرمپ جي ٻي صدارت دوران صورتحال ڪافي تيزيءَ سان تبديل ٿيندي نظر اچي رهي آهي، پر اڃا تائين ڪو بہ اشارو ناهي تہ اڳتي هلي آمريڪي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ انهن ئي گسن تي تبديليءَ جو چڪر ختم ٿيندو.

وري ڏسجي چين کي، تہ انهي پنهنجو اثر ڪيئن قائم ڪيو آهي: چين جو اثر ڪنهن هڪ علائقي يا علائقي تائين محدود ناهي. ڏکڻ پئسفڪ کان وٺي ڏکڻ ۽ وچ ايشيا، وچ اوڀر، لاطيني آمريڪا تائين، مطلب تہ دنيا جي هر ڪنڊ ۾ چين جو اثر محسوس ڪري سگهجي ٿو. دنيا تي چين پنهنجي پئداواري هنرن کي ڀرپور نموني ڪتب آندو آهي. عام واهپي جي هر سامان، لٽي ڪپڙي، فرنيچر ۽ اليڪٽرانڪ اوزارن، مشينن سميت دنيا ۾ ٺهندڙ شين جو تقريبن ٽيون حصو چين ۾ ٺاهيو ويندو آهي. مستقبل ۾ پنهنجي برتريءَ لاءِ چين يقيني بڻائي رهيو آهي تہ ان وٽ قيمتي ڌاتوءَ جا سڀ کان وڏا ذخيرا هجن. اهي ڌاتو هر قسم جي ٽيڪنالاجي وارين شين جي تياريءَ ۾ استعمال ٿين ٿا. جن ۾ سمارٽ فون، برقي گاڏيون ۽ فوجي سامان شامل آهن.

دنيا جا تقريبن 90 ناياب زميني ڌاتو چين ۾ پروسيس ڪيا ويندا آهن. تازو ئي جڏهن آمريڪا چين تي ٽيرف لاڳو ڪيو تہ

انهن پروسيس ٿيل معدنيات جي روانگي واپار کي گهٽائي جواب ڏنو.

شايد اهو ئي سبب آهي جو آمريڪا گرين لينڊ ۽ ٻين هنڌن تان ناياب معدنيات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. اهو محسوس ٿئي ٿو تہ انهن ٻن سپر پاورز وچ ۾ وسيلن لاءِ جنگ هلي رهي آهي.

چين 2000ع ۾ آمريڪا جي برتريءَ واري عالمي منظرنامي ۾ ٻئي درجي جو رانديگر هو. 2026ع ۾ صدر شي جن پنگ هڪ عالمي اڳواڻ ابرندڙ اڀري رهيو آهي. هو واپار، ٽيڪنالاجي ۽ سيڙپڪاري ذريعي طاقت ۽ اثر وڌائي رهيو آهي. دنيا جي غريب ملڪن مان وڏي صنعتي ۽ ٽيڪنالاجيڪل طاقت تائين چين جو سفر ڪيترن ئي ابرندڙ معيشتن لاءِ اميد ڀريو مثال آهي.

2001ع ۾، 80 سيڪڙو کان وڌيڪ معيشتون چين جي ڀيٽ ۾ آمريڪا سان وڌيڪ ٻطرفو واپار ڪنديون هيون، پر هاڻي دنيا جو تقريباً 70 سيڪڙو حصو آمريڪا جي ڀيٽ ۾ چين سان وڌيڪ واپار ڪري ٿو. معاشي ترقيءَ تي تمام گهٽو ڌيان ڏنو آهي ۽ پنهنجي بيلٽ اينڊ روڊ انيشيئيٽو جي حصي طور ابرندڙ معيشتن ۾ وڏي پئماني تي سيڙپڪاري ڪئي آهي. اهو بنيادي انچي جو هڪ وڏو عالمي منصوبو آهي، جنهن ۾ چيني سيڙپڪاريءَ سان ٺهيل بندرگاهن، ريلوي، روڊ ۽ توانائيءَ جا منصوبا شامل آهن. اهي منصوبا ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا ۾ پکڙيل آهن. نتيجي طور، ڪيترائي ملڪ چين جو مالي سهڪار حاصل ڪري چڪا آهن، جن کي آمريڪي ميڊيا 'چين جي قرض واري ڄار ۾ ڦاسڻ' ڪوٺي ٿي.

وينزويلا ۾ ڊونلڊ ٽرمپ جي واردات کان پوءِ اهو بہ سوال پيدا ٿيو هو تہ ڇا چين تائيوان تي اهڙي طرح حملو ڪرڻ تي غور ڪندو، پر چين بردبار ثابت ٿيو. هو تائيوان کي پنهنجو اندروني معاملو سمجهي ٿو. هڪ صوبي طور تي جيڪو هڪ ڏينهن مادر وطن سان ٻيهر ملي ويندو.

صدر شي جو خواب هميشہ چيني قوم جي عظيم جدت رهيو آهي. گذريل سال جي فوجي پريڊ ۾ بالڪونيءَ تي بيٺو هو، پنهنجي فوجن کي ڏسندي، هن چيو تہ "چين جو عروج رُڪڻو ناهي."

سندس خواب هڪ اهڙي دنيا ناهڻ آهي جيڪا بيجنگ کي ڏسي ۽ ان جي تعريف ڪري، ۽ هو ڊونلڊ ٽرمپ جي سربراهيءَ ۾ هاڻوڪي عالمي ڏاڪيڙ کي "تبديلي" جي دور جي طور ڏسي ٿو. هو ان کي هڪ موقعي جي طور ڏسندو. سندس پيغام اهو آهي تہ دنيا هڪڙي ٻوائتي تي آهي ۽ ڪيس ويساهہ آهي تہ چين ان کي ترقي ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ بهترين پوزيشن ۾ آهي.

وري هڪ نظر روس تي تہ خطي ۾ هن جا فوجي ارادا ڪهڙا آهن؟ سوويت يونين جي ٽٽڻ کي ولاديمير پيوٽن 20 صديءَ جو "سڀ کان وڏو سياسي جاگرافيائي الميو" سڏيو.

ڪيترائي ماڻهو سمجهن ٿا تہ هي اصطلاح اهو ظاهر ڪري ٿو تہ اهي رياستون ٻين ملڪن وانگر آزاد نہ آهن. روس جو خيال آهي تہ انهن ملڪن ۾ ان جا جائز مفاد آهن ۽ انهن جي حفاظت ڪرڻ روس جي ذميواري آهي.

صدر پيوٽن هڪ ڀيري چيو هو تہ 'روسي سرحدون ڪڏهن بہ ختم نہ ٿينديون آهن.' سندس والار پسند پاليسين جا ڪجهہ حامي سمجهن ٿا تہ روس جو اثر تاريخي طور تي انهن علائقي تائين وڌڻ گهرجي جتي ڪڏهن روسي سلطنت موجود هئي. يا شايد ان کان بہ اڳتي. اهوئي سبب آهي تہ ماسڪو يوڪرين جي ضم ٿيل علائقن کي پنهنجي 'تاريخي علائقي' سان تشبيهہ ڏئي ٿو. پر سچ اهو آهي تہ ڪريملين اڳوڻي سوويت رياستن ۽ ٻين ملڪن جي خودمختياريءَ جو احترام ڪري ٿو جتي اهو پنهنجا "مفاد" ڏسي ٿو.

تاريخي طور تي، روس اڳوڻين رياستن تي اقتصادي ۽ فوجي دٻاءُ وڌو آهي، جن روس جي اثر جي خلاف ڳالهايو آهي. يوڪرين کي اهو سخت انداز ۾ ڀڏايو ويو آهي. سوويت يونين ڇڏڻ کان پوءِ هڪ ڏهاڪي کان وڌيڪ عرصي تائين، يوڪريني حڪومت ڪريملين جي حامي پاليسين تي عمل ڪيو ۽ پنهنجن مقصدن کي اڳتي وڌايو. ان ڪريميا ۾ هڪ روسي بحري اڏي جي اجازت ڏني. روس ان تي خوش هو پر پوءِ يوڪرين هڪ مغرب نواز صدر، وڪٽر يوشچينڪو چونڊيو. سندس صدارت ۾، روس بہ پيرا گئس جي فراهمي بند ڪئي. 2006ع ۽ 2009ع ۾، جڏهن معاشي دٻاءُ ۽ سياسي مداخلت فرق پيدا ڪرڻ بند ڪيو تہ روس ڪريميا ۾ مداخلت ڪئي ۽ 2014ع ۾ علائقي جو ڪنٽرول سنڀاليو. پوءِ ان 2022ع ۾ يوڪرين ۾ مڪمل فوجي مداخلت شروع ڪئي.

ساڳئي طرح، 2008ع ۾، روس جارجيا جي خلاف جنگ شروع ڪئي، جڏهن اتي سڌارپسند ميخائل ساڪاشويلي صدر هو. ان سان روس کي جارجيا جي 20 سيڪڙو علائقي جو ڪنٽرول ملي ويو. ان کان پوءِ روسي فوجون جارجيا ۾ سرحدي چوڪيون ۽ خاردار تارون منتقل ڪري رهيون آهن، جنهن کي مقامي طور تي "لڳاتار جاري قبضو" سڏيو ويندو آهي. 2008ع ۾ جارجيا ۽ 2014ع ۾ يوڪرين ۾ روسي مداخلتن باوجود، اولهہ کان مضبوط جواب نہ ملڻ، پيوٽن جي يقين کي وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي تہ "گهر جي ويجهو" علائقن جو ڪنٽرول حاصل ڪرڻ ممڪن آهي.

جيتوڻيڪ يوڪرين ۽ جارجيا روسي سياسي دٻاءُ جي مزاحمت ڪئي آهي، جنهن ڪري فوجي مداخلت ٿي آهي. ڪجهہ اڳوڻيون سوويت رياستون ماسڪو سان وفادار رهيون آهن. بيلاروس، تاجڪستان، ڪرغزستان، قازقستان ۽ آرمينيا جون حڪومتون اڃا تائين روسي فوجي دستن جي ميزباني ڪن ٿيون.

يوڪرين ۽ جارجيا لاءِ مسئلا تڏهن پيدا ٿيا جڏهن انهن حڪومتون چونڊيون، جمهوري سڌارا لاڳو ڪيا، ۽ اولهہ سان ويجها لاڳاپا رکڻ جي ڪوشش ڪئي. اڳتي جيڪو ٿيو اهو ڪجهہ بہ نئون نہ هو. تاريخ پنهنجن مفادن جي دفاع ۽ نسلي اقليتن جي حفاظت جي نالي تي وڙهندڙ جنگين سان ڀري پئي آهي.

ٻي عالمي جنگ ۽ سرد جنگ کان پوءِ بين الاقوامي برادريءَ کي برابريءَ جي ميدان تي آڻڻ لاءِ ڪيترين ئي ڪوششون ڪيون ويون. ان ڳالهہ کان هٽي ڪري تہ ڪنهن وٽ ڪهڙا هٿيار هئا ۽ ڪيتري طاقت هئي. پر خطي ۾ اثر و رسوخ قائم ڪرڻ جو خيال اسان کي ماضيءَ ۾ واپس وٺي وڃي سگهي ٿو.

ايران: جرئت ۽ بهادريءَ جو نشان

فيضان احمد

نيٽ ايران تي داٻو ڪرڻ وارا آمريڪي صدر ڊونالڊ ٽرمپ جا سمورا حربا ناڪام ٿي ويا ۽ ايراني قيادت جي ثابت قدمي ۽ هم خيال دوست ملڪن جي فني ۽ سفارتي پٺڀرائيءَ سبب مجبورن آمريڪا جنگ مڙهڻ جو ست نہ ساري سگهيو. ۽ پوئتي هٽڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي تہ ايران ۾ 800 ماڻهن کي ڦاسي اچڻ واري هئي، جنهن تي عمل روڪيو ويو آهي. ان ڪري هن ڪاروائي ڪرڻ کان پاسو ڪيو آهي.

ايران ۾ اسرائيل ۽ آمريڪا جي هُشيءَ سان ٿيل پرتشدد مظاهرا جن ۾ داعش دهشتگردن مسجدن کي بہ باهہ ڏئي ساڙيو ماڻهن کي بيدرديءَ سان قتل ڪيو پوري ملڪ ۾ افراتفريءَ جو ماحول بريا ڪري "خوني تبديلي" جي ڪوشش ڪئي وئي. ۽ فلسطين ۾ اسرائيلي راتاها هڻڻ ۽ هزارين ماڻهن کي قتل ڪري سندن الهہ تلهہ برباد ڪندڙ اسرائيل جي ظلمن تي اکيون ٻوٽيندڙ آمريڪا ۽ ان جا همنوا منافق يورپي ملڪ ايران ۾ مظاهرن تي وڏا انسان دوست ٿي بيٺا پر ڪين مظاهرا ڪندڙن جو ظلم نظر نہ پئي آيو ڪين رڳو پروپيگنڊا پختي ڪرڻي هئي ايران تي ڪاهہ ڪرڻ لاءِ جيئن انهن عراق ۾ صدام حسين خلاف پروپيگنڊا ڪري ملڪ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. ۽ پوءِ لبيا ۽ ٻيا ملڪ ان قسم جي بدمعاشيءَ تي ٻڌل "انساني حقن" جي آڙ ۾ ڦرلٽ ۽ بربادي جي ور چڙهندا ويا. پر ايران هو جنهن آمريڪا جي نام نهاد اصولن ۽ ڏاڍ کي وائکو ڪيو ۽ اسرائيلي جي پيڪين کي زمين تي زوردار لت هڻي ڪتي کي ڊيڄارڻ واري انداز سان جون 2025ع ۾ ٻئي پوئتي هٽائي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا هئا. هاڻي دشمن جو ارادو ايران تي گهڻ ملڪي ڪاهہ لاءِ ماحول سازگار ڪرڻ جو هو جنهن لاءِ ايلون مسڪ 14 جنوري 2026 کان اتان جي ماڻهن کي پنهنجي سيٽ لائٽ استار لنڪ ذريعي مفت انٽرنيٽ فراهم ڪرڻ شروع ڪئي هئي. پر ايران جنهن ٽيڪنالاجيءَ جي دنيا ۾ ايتري ترقي ڪئي آهي جو ان جا پانت پانت وارا ميزائل ڏسي دنيا حيرت ۾ پئجي وئي هئي، تنهن هاڻي ايران ايلون مسڪ جي سيٽلائيٽ انٽرنيٽ جي پيڪيڄ کي روڪڻ لاءِ سخت قانوني، ٽيڪنيڪل ۽ زميني قدم کنيا. ان کان اڳ ئي 2025 جي آخر ۾ منظور ٿيل هڪ نئين قانون تحت ايران ۾ استار لنڪ ٽرمينل هجڻ کي 'اسرائيل لاءِ جاسوسي' قرار ڏنو ويو هو جنهن مطابق ان ڏوهہ جي سزا 10 سالن تائين قيد ۽ ڪجهہ سنگين ڪيسن ۾ موت جي سزا ٿي سگهي ٿي. تازين ڪارروائين دوران ايراني سيڪيورٽي فورسز استار لنڪ سگنلز کي خراب ڪرڻ لاءِ فوجي گريڊ اليڪٽرانڪ ڊوائيسز استعمال ڪري رهيون آهن. خاص طور تي هلندڙ مهيني انٽرنيٽ بليڪ آئوٽ دوران جي پي ايس سگنلز کي جام ڪيو ويو تہ جيئن استار لنڪ ٽرمينل سيٽلائيٽ سان رابطو نہ ڪري سگهن. جنهن ڪري ڪيترن ئي علائقن ۾ انٽرنيٽ جي رفتار 80 سيڪڙو تائين گهٽجي وئي. ان ڪانسواءِ سيڪيورٽي فورسز تهران، اصفهان ۽ تبريز جهڙن شهرن ۾ گهر گهر وڃي، ڇتين تي لڳل سيٽلائيٽ ڊشز کي ڳولي ضبط ڪيو. اڃان تائين اهلڪار رهائشي علائقن مٿان ڊرون اڏائي رهيا آهن تہ جيئن نديڙن، مخصوص شڪل وارن استار لنڪ ڊشز جي سڃاڻپ ڪري انهن کي هٽايو وڃي. جڏهن تہ ايران گڏيل قومن جي ايجنسي 'انٽرنيشنل ٽيليڪميونيڪيشن يونين' (ITU) وٽ بہ احتجاج ڪيو. جنهن ايران ۾ استار لنڪ طرفان بنا لائسنس (اجازت) جي انٽرنيٽ فراهميءَ کي غير قانوني قرار ڏنو آهي.

ايران مٿان جنگ ٽرڻ جا سبب، هڪ تہ ايران جي خاموش دفاعي ترقي آهي، جنهن بابت دشمن اندازو نٿو لڳائي سگهي. ٻيو تہ روس، چين، ترڪي ۽ ٻين وچ اوڀر وارن ملڪن جي ساٿ ڏيڻ تي آمريڪا کي ٽئين عالمي جنگ لڳڻ جو گهرو خطرو محسوس ٿيو.

ڪوٽ غلام محمد تعلقي ۾ اٽي جي اگهہ ۾ واڌ، مهانگائي ۽ پاڻي جي کوٽ عوام جا اهنج وڌائي ڇڏيا

تعلقي جي زرخيز ڌرتي کي بنجر بڻائڻ لاءِ ڪينال ۾ پاڻي جي هئرادو کوٽ پيدا ڪرڻ سبب عوام جا چهرا پريشانيءَ جو شڪار

زرعي جنسن جا مناسب اگهہ نہ ملڻ ڪري هاري سخت معاشي بحران ۾ ڦاسي پيا، شهرن ۾ اٽو 120 ۽ ڳوٺن ۾ 130 روپيا ڪلو وڪرو

فوڊ ڪاتو ڪڻڪ سيلين کي وڪرو ڪري رهيو آهي، جنهن سبب مارڪيٽ ۾ اٽي جو بحران پيدا ٿيو آهي: شهرين جو الزام

ڪوٽ غلام محمد پورهيت تندور ۾ نان پچائي رهيو آهي

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) ڪوٽ غلام محمد تعلقي ۾ اٽي جي اگهہ ۾ واڌ، مهانگائي ۽ پاڻي جي کوٽ عوام جا اهنج وڌائي ڇڏيا، هاري ۽ غريب عوام بدحال ڪوٽ غلام محمد تعلقي جي زرخيز ڌرتي جتي ڪڏهن فصلن جي خوشبو هوا ۾ ڦهلجندي هئي اڄ اتي هارين ۽ غريب عوام جا چهرا پريشانيءَ جو شڪار بڻيل آهن. هئرادو پاڻي جي کوٽ سبب ڪينال پيدا ڪئي وئي آهي جنهن سبب زرخيز زمينون بنجر ٿيڻ لڳيون آهن. جڏهن تہ زرعي جنسن جا مناسب اگهہ نہ ملڻ ڪري هاري سخت معاشي بحران ۾ ڦاسي پيا آهن. ٻئي پاسي زرعي ٻج، ڀاڻ ۽ دوائن جي قيمتن ۾ بي تحاشا واڌ سبب آبادگارن لاءِ پوک جاري رکڻ بہ ڏکيو بڻجي ويو آهي. شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڪڻڪ ۽ اٽي جي اگهن ۾ واڌ سبب غريب ماڻهو بہ ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهن. شهرن ۾ اٽو 120 روپيا في ڪلو جڏهن تہ ڳوٺن ۾ 130 روپيا في ڪلو تائين وڪرو ٿي رهيو آهي. چڪي مالڪن ۽ عوام جو چوڻ آهي تہ فوڊ ڪاتي کي حڪومتي مقرر ڪيل اگهہ تي ڪڻڪ چڪي مالڪن ۽ عام ماڻهن کي فراهم ڪرڻ گهرجي، پر الزام آهي تہ فوڊ ڪاتو ڪڻڪ سيلين کي وڪرو ڪري رهيو آهي، جنهن سبب مارڪيٽ ۾ اٽي جو بحران پيدا ٿيو آهي. ذريعن موجب، ڪوٽ غلام محمد فوڊ ڪاتي جي عملي مبينا طور لکين روپيز جي ڪڻڪ شهرن ۾ سيلين کي وڪرو ڪري ڇڏي آهي جڏهن تہ فوڊ گودام ۾ جعلي طريقي سان چاورن جي توڙ ۽ مٽي سان ڀريل ڪٽن جون ٿيبون لڳائي اصل ڪڻڪ جي کوٽ لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هارين، چڪي مالڪن ۽ شهري عوام اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ فوڊ ڪاتي جي عملدارن خلاف شفاف جاچ ڪرائي وڃي، ڪڻڪ جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ پاڻي جي کوٽ سميت زرعي مسئلن جو فوري حل ڪڍيو وڃي، ٻي صورت ۾ غريب عوام جي ڏکن ۽ بک ۾ وڌيڪ اضافو ٿيڻ جو خدشو آهي.

پنهنجي اولاد کي ديني ۽ دنياوي تعليم ڏياريو: پير سيد سورج دستگير شاهہ جيلاني

پيپلزپارٽي ضلع خيرپور ۾ تعليم صحت ۽ ترقياتي منصوبن ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي

درگاهن هميشہ پيار، محبت، اخوت، امن ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏنو آهي: عقيدتمندن کي خطاب

سوڀوديرو درگاهہ دستگير رحمة جو سجاده نشين پير سيد سورج دستگير شاهہ جيلاني دعا گهرندي

سوڀوديرو(ن ع) درگاهہ دستگير رحمة جي سجاده نشين پير سيد سورج دستگير شاهہ جيلاني جن شب معراج مصطفي صہ جي موقعي تي آيل مريدن عقيدتمندن کي خطاب ڪندي چيو تہ پنهنجي اولاد کي ديني ۽ دنياوي تعليم ڏياريو درگاهن پيار محبت اخوت امن ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏنو آهي جنهن تي عمل ڪري ٻنهي جهانن ۾ اعليٰ مقام حاصل ڪري سگهجي ٿو هي زندگي هڪ وڏو امتحان آهي جنهن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي ان موقعي تي پير سيد سورج دستگير شاهہ جيلاني جن جو صحافين سان ڳالهائيندي چوڻ هيو تہ پير آف راڻي پور جي خاندان امن و امان جي بحالي علائقائي ۽ عوامي مسئلن جي حل ملڪ ۽ قوم جي ترقي جي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي پيپلزپارٽي پارٽي ضلع خيرپور ۾ تعليم صحت ۽ ترقياتي منصوبن ۾ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي جنهن جو فائدو پوري ملڪ جو عوام حاصل ڪري رهيو آهي آخر ۾ ملڪ قوم جي سلامتي ترقي جي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي.

وڳڻ شهر ۾ هلندڙ واٽر سپلاءِ اسڪيم جو ڪم ناقص ٿيڻ لڳو

واٽر سپلاءِ لائين لاءِ جيڪي پائپ استعمال ڪيا پيا وڃن اهي معياري نہ آهن: رهواسي

مستقبل ۾ پاڻي جي ليڪيج ۽ نظام جي ناڪامي جا امڪان وڌي ويا آهن نوٽيس ورتو وڃي

وڳڻ(ن ع) وڳڻ شهر ۾ هلندڙ واٽر سپلاءِ اسڪيم سست رفتاري سان هلي رهي آهي جنهن سبب شهرين ۾ سخت بيچيني پکڙيل آهي. شهري سماجي ورڪر احسان علي ٽوناٽي، ڪامران پنهور لالا حفيظ پٺاڻ صفدر علي سومرو جن جو چوڻ آهي تہ واٽر سپلاءِ لائين لاءِ جيڪي پائپ استعمال ڪيا پيا وڃن اهي معياري نہ آهن ۽ ڪم جي لائق بہ ناهن جنهن ڪري مستقبل ۾ پاڻي جي ليڪيج ۽ نظام جي ناڪامي جا امڪان وڌي ويا آهن. شهرين موجب واٽر سپلاءِ جو هي اهم منصوبو عوام جي بنيادي ضرورت سان لاڳاپيل آهي پر ان جي باوجود ٺيڪيدار ۽ لاڳاپيل اختيارين طرفان لاپرواهي اختيار ڪئي پئي وڃي. ڪم جي رفتار انتهائي سست هجڻ سبب شهر جا ڪيترائي علائقا اڃا تائين صاف پيئڻ جي پاڻي کان محروم آهن. وڳڻ شهر جي سياسي، قومپرست ۽ مذهبي اڳواڻن سميت سماجي ورڪرن ۽ واپاري حضرات بہ ان صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. اڳواڻن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن فوري طور نوٽيس نہ ورتو ويو تہ شهرين کي مجبور ٿي احتجاج جو رستو اختيار ڪرڻو پوندو. شهرين مطالبو ڪيو آهي تہ واٽر سپلاءِ اسڪيم ۾ استعمال ٿيندڙ پائپن جي فوري ٽيڪنيڪل جاچ ڪرائي وڃي، معياري سامان جي استعمال کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ڪم جي رفتار تيز ڪئي وڃي. هنن اهو بہ مطالبو ڪيو آهي تہ ٺيڪيدار کي پابند بڻايو وڃي تہ هو مقرر وقت اندر منصوبو مڪمل ڪري، ٻي صورت ۾ قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. شهرين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ وڳڻ شهر جي واٽر سپلاءِ اسڪيم بابت شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي.

مٺي ۾ محفلِ شبِ معراج النبي صہ نهايت عقيدت، ادب ۽ روحانيت سان منعقد ڪئي وئي

مٺي (ڊ-ر) محفلِ شبِ معراج النبي صہ جو انعقاد جامع مسجد حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ درس محله مٺي ۾ جماعت اصلاح المسلمين برانچ ويسٽ مٺي جي اهتمام هيٺ محفلِ شبِ معراج النبي صہ نهايت عقيدت، ادب ۽ روحانيت سان منعقد ڪئي وئي. محفل جي شروعات تلاوتِ ڪلامِ پاڪ سان ٿي جنهن جي سعادت حافظ عبدالجبار درس حاصل ڪئي بعد ازان نعت خوانن بارگاهِ رسالت صہ ۾ نهايت خوبصورت ۽ عقيدت ڀريون نعتون پيش ڪري سامعين جا دل موهي وڌا. محفل جو خصوصي خطاب خليفہ الهجويو درس طاهري نقشبندي صاحب فرمايو جنهن شبِ معراج جي فضيلت، اهميت ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ عملي سبقن تي جامع ۽ اثرائتو بيان ڪيو. هن پرنور محفل ۾ جماعت اصلاح المسلمين برانچ ويسٽ مٺي جي صدر صدام حسين درس طاهري، جنرل سيڪريٽري حافظ جنيد ڪنبر طاهري، ۽ جماعت اصلاح المسلمين ضلع عمرڪوٽ جي رڪن محمد چام ڪنبر طاهري سميت وڏي انگ ۾ عقيدتمند شرڪت ڪئي آخر ۾ ملڪ قوم ۽ امت مسلمه جي ڀلائي، سلامتي ۽ ترقي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي.

سماجي اڳواڻ واحد بخش ترڪ جي سس وفات ڪري وئي

مسوبرڳوٺ (ن ع) صحافي، سماجي اڳواڻ ۽ هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان جي سرگرم ڪارڪن واحد بخش ترڪ جي سس ۽ الهورايو ترڪ جي والده وفات ڪري وئي آهي. سماجي صحافتي سياسي ۽ انساني حقن سان لاڳاپيل حلقن طرفان واحد بخش ترڪ سان ڏک جي گهڙي ۾ دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو پيو وڃي. تعزيت ڪندڙن مرحومہ جي مغفرت ۽ پوئتين لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي. واحد بخش ترڪ کي انساني حقن، صحافت ۽ سماجي خدمتن جي حوالي سان سڃاتو وڃي ٿو جڏهن تہ هن ڏکئي وقت ۾ ساڻس تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

سڪرنڊ ۾ ايس يو پي اڳواڻ فل شير اوڏ کنيجي ويو

ايس يو پي جي تعلقہ صدر پاران فلڪ شير اوڏ جي آزاد جو مطالبو

انتظاميہ هوش کان ڪم وٺي ۽ فلڪ شير اوڏ کي فورن آزاد ڪري: ايوب کوسو

سڪرنڊ (س ا) رات دير سان سڪرنڊ پوليس ليڊيز اهلڪارن سان گڏ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سينيئر اڳواڻ فلڪ شير اوڏ جي گهر جو گهيرو ڪرڻ بعد چادر ۽ چار ديواري جا سڀ اخلاقي ليڪا لتاڙي گهر ۾ گهڙي فلڪ شير اوڏ کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي مزاحمت ڪرڻ ۽ گرفتاري جو سبب پڇڻ سميت ڪائن سرچ وارنٽ يا گرفتاري وارنٽ پڇڻ تي مٿس تشدد ڪرڻ بعد ڪيس زوري کنيي کڻي ويا جنهن کي نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو ويو آهي جيڪو منظر سي سي ٽي فوٽيج ذريعي صاف نظر اچي رهيو آهي هوڏانهن پوليس پاران ڪوبہ جواز نہ پيو ٻڌايو وڃي جڏهن تہ عام چٽوبول آهي تہ بہ سبب ٿي سگهن ٿا گذريل ڏينهن راهول جنداوهوڙو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ نڪتل جلوس جي اڳواڻي فلڪ شير اوڏ ڪئي هئي يا سائين جي ايم سيد جي سالگرهہ ۾ شرڪت جو سبب بہ ٿي سگهي ٿو هوڏانهن ايس يو پي جي تعلقہ صدر ايوب ڪوسو پرويز سومرو، شاهد ڪوسو قاسم سومرو ۽ علي سومرو واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي فلڪ شير اوڏ کي فورن آزاد ڪرڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي تہ ايس يو پي نہ تہ جي ايم سيد جي سالگرهہ ۾ وڃڻ کان رڪجندي نڪو راهول جي خون تي ماٺ ڪري ويهندي ان ڪري انتظاميہ هوش کان ڪم وٺي ۽ فلڪ شير اوڏ کي فورن آزاد ڪري ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو ٻئي پاسي جسقم اڳواڻن آصف رضا مگسي ۽ مسعود شاهہ جي گرفتاري خلاف ۽ قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي مظاهرو ڪيو ويو.

سڪرنڊ ايس يو پي اڳواڻ جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو محمد خان ۾ ڳوٺ صوبو خان لغاري جي رهواسڻ جو احتجاج

رمضان لغاري ۽ سندس سائي زمين تي قبضو ڪري اڏاوت پيا ڪن: مسمات آمنہ

ڪيترين ئي درخواستون ڏيون، پوليس کي بہ اطلاع ڪيا پر اسان کي انصاف نہ ملي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ن) ڳوٺ صوبو خان لغاري جي رهواسڻ مسمات آمنہ پنهنجي ننڍڙن ٻارن سميت پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي الزام هنيو تہ رمضان لغاري ولد نبي بخش ۽ سندس سائي ياسين لغاري قادر لغاري نبو لغاري سجاد لغاري اعظم لغاري رحمان لغاري اسان جي سروي نمبر اوٽيهہ ۽ ويهہ واري زرعي زمين تي ڪافي وقت کان زبردستي قبضو ڪري اتي گهرن جي غير قانوني اڏاوت ڪري رهيا آهن جنهن خلاف اسان پوليس کي ڪيترين ئي درخواستون ڏنيون ۽ ڪافي دفعا عملدارن آڏو دانهيو سين پوليس کي بہ اطلاع ڪيا پر اسان کي انصاف نہ ملي رهيو آهي جڏهن تہ قادر بخش سلماز لغاري ۽ حميد تي ايف آءِ آر بہ داخل ٿيل آهي پر هو سندس هوڏ ۽ هٺ تي قائم رهندي پوليس کي للڪاريندي ڏاڍ مڙسي ڏيکاري رهيا آهن هن وڌيڪ الزام هڻندي چيو تہ منهنجي معصوم ڌي نالا عليزه کي پڻ اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي سندس مٿان موٽر سائيڪل چاڙهي ڪيس زخمي ڪري ڇڏيو جنهن لاءِ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ۽ اعليٰ اختيارين کان انصاف جو مطالبو ڪندي پاڻ ساڙڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو آهي.

ٽنڊو محمد خان ڳوٺ صوبو خان لغاري جا رهواسي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي

ڪنگري روڊ تي پوليس جو ڌوڙهاري گروهہ سان مقابلو

بدنام زمانہ ڌاڙيل ڪاشف ڪوسو زخمي حالت ۾ گرفتار

جوابدار جا ٻہ ساٿي فرار ٿي ويا آهن. ڳولا جاري آهي: ايس ايس پي

خيرپور(ن ع) خيرپور ۾ ماڇيو وڏا ڪنگري روڊ تي پوليس جو ڌوڙهاري گروهہ سان مقابلو ٿيو جنهن دوران بدنام زمانہ ڌاڙيل ڪاشف ڪوسو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. جوابدار ڪيترن ئي سنگين وارداتن جي ڪيسن ۾ گهربل هو تفصيل موجب خيرپور ۾ ماڇيو وڏا ڪنگري روڊ تي پوليس ۽ ڌوڙهاري گروهہ وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي مقابلي دوران پوليس بدنام زمانہ ڌاڙيل ڪاشف ڪوسو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو موجب گرفتار زخمي جوابدار پنهنجي گروهہ سان گڏ واردات ڪرڻ لاءِ روڊ تي نڪتل هو جنهن دوران پوليس سان مقابلو ٿيو ايس پي موجب جوابدار جا ٻہ ساٿي فرار ٿي ويا آهن جن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي. گرفتار جوابدار وٽان پستول ۽ رائونڊ پڻ برآمد ڪيا ويا آهن. زخمي جوابدار کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. گرفتار جوابدار مختلف سنگين ڏوهن جي ڪيسن ۾ گهربل هو ايس پي خيرپور وڌيڪ چيو تہ ڌوڙهاري سرگرمين ۾ ملوث جوابدارن خلاف بنا ڪنهن وقفي جي ڪارروائيون جاري رکيون وينديون.

خيرپور ۾ ڳجهي اطلاع تي حساس ادارن ۽ پوليس جي گڏيل ڪاروائي، عورت سميت 7 افغاني گرفتار

اڪنامڪ زون ٺاٺي جي حد ۾ غير ملڪي ماڻهن هُجڻ جي اطلاع تي حساس ادارن ۽ پوليس ڪاروائي ڪئي

حساس ادارن ۽ خيرپور پوليس ڪاروائي ڪري 7 افغاني شهرين کي گرفتار ڪري ورتو، هڪ عورت پڻ شامل

حراست ۾ ورتل ماڻهو افغانستان جا رهواسي آهن جن وٽ قانوني ڪاغذ، ويزا سميت ڪو بہ دستاويز موجود نہ آهي: پوليس

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور ۾ ڳجهو اطلاع ملڻ تي حساس ادارن ۽ پوليس جي گڏيل ڪاروائي، هڪ عورت سميت 7 افغاني گرفتار پوليس پاران پُڇا ڳاڇا جاري تفصيل موجب خيرپور جي اڪنامڪ زون ٺاٺي جي حد ۾ غير ملڪي ماڻهن هُجڻ جي اطلاع تي حساس ادارن ۽ خيرپور پوليس ڪاروائي ڪري 7 افغاني شهرين کي گرفتار ڪري ورتو جن ۾ هڪ عورت پڻ شامل آهي گرفتار ڪيلن ۾ ضُبي شيي محمد عارف، حڪمت الله ابوبڪر محمد رمضان ۽ عورت رُقيه شامل آهن ان سلسلي ۾ ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو جو چوڻ آهي تہ غير ملڪين جي موجودگي واري اطلاع تي ڪاروائي ڪري 7 افغانين کي حراست ۾ ورتو ويو آهي حراست ۾ ورتل ماڻهو افغانستان جا رهواسي آهن جن وٽ قانوني ڪاغذ، ويزا سميت ڪو بہ دستاويز موجود نہ آهي جنهن کي تحويل ۾ ورتو ويو آهي حراست ۾ ورتل افغاني شهرين کان پُڇا ڳاڇا ڪري رهيا آهيون جنهن بعد سندن خلاف وڌيڪ ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي ۽ قانوني ڪاغذ پورا نہ ڪري ڪين واپس افغانستان اماڻيو ويندو.

پ پ ضلعي سانگهڙ جي اڳواڻ سيد سبطين علي شاهہ بخاري جي والده وفات ڪري وئي

سنجهورو (ت ر) پ پ پ ضلعي سانگهڙ جي سابق انفارميشن سيڪريٽري ٽالي واري ليڪڪ دانشور مرحوم سيد علي ڏنو شاهہ بخاري قلندر بخاري جي گهر واري سيد علي شاهہ پ پ پ ضلعي سانگهڙ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سيد سبطين علي شاهہ بخاري سيد ثقلين شاهہ بخاري جي والده رضا الاهي سان لاڏاڻو ڪري وئي آهي جنهن جي جنازي نماز اپنيور ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ پ پ پ جي رهنما رئيس فداحسين رند رئيس رضا حسين رند پ پ پ ضلعي سانگهڙ جي انفارميشن سيڪريٽري عمران ڏمراهہ پ پ پ تعلقي سنجهورو جي صدر راجا آفتاب لغاري پ پ پ تعلقي شهداپور جي جنرل سيڪريٽري گل محمد ڏاهري پيپلز ليبر بيورو ضلعي سانگهڙ جي صدر ابراهيم چانگ پ پ پ ڪلچرل ونگ ضلعي سانگهڙ جي صدر عبدالستار خاصخيلي سياف ضلعي سانگهڙ جي خادم حسين خاصخيلي ايڊيوڪيٽ خان محمد خاصخيلي رئيس احمد علي رند غلام عباس لسڪاڻي قربان خاصخيلي غلام صابر ممتاز پنهور نديم حسين رند غلام مرتضي رند ٻين سياسي سماجي شخصيت شرڪت ڪئي ۽ مرحومہ کي سيد محمد شاهہ جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو ٻئي طرف پ پ پ ضلعي سانگهڙ جي جنرل سيڪريٽري سيد سبطين علي شاهہ سندس والده جي لاڏاڻي تي ڳوٺ اپنيور ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

ٺاٺي بولاخان تعلقي جي يوسي مول ۾ مفت طبي ڪيمپ

ماهر ڊاڪٽر نعيم الله شيخ اڪين جي چڪاس ڪئي ۽ آپريشن ڪيا

ٺاٺوبولاخان (ن ع) سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن ۽ عباس فائونڊيشن جي گڏيل سهڪار سان ٺاٺي بولاخان تعلقي جي يوسي مول جي ڳوٺ شير محمد شهٺو ۾ سردار سالح محمد برهماڻي جي ياد ۾ مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي جتي ماهر ڊاڪٽر نعيم الله شيخ اکين جي چڪاس ڪئي ۽ آپريشن ڪيا، جنرل فزيشن ڊاڪٽر شاهين ملاح مريضن جو علاج ڪري دوائون ڏنيون ان کان علاوه ٻارڙن جي سنت طهر پڻ ڪيا ويا ان موقعي تي سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن جي وائس چيئرمين پروفيسر خالد حسين چنا، سيڪريٽري انفارميشن احمد حسن پنهور، سي اي سي ميمبر پريل خان ڪوسو، جنرل سيڪريٽري گلشن حديد خادم حسين ڪانڌڙ، جامشورو يونٽ جي شيخ عبدالله ڪوهستاني ڳالهائيندي چيو تہ ڪوهستان جو علائقو تمام پٺتي پيل ۽ وسيع علائقو آهي جتي صحت جو فقدان آهي سگا جو مشن آهي تہ غريب ۽ مستحق ماڻهن کي صحت ۽ تعليم مهيا ڪجي جنهن جي هي ڪڙي آهي ٺاٺو بولا خان جي پري جي علائقي اپر مول ۾ سهوليتن جي اڻاٺ آهي جتي اهڙيون ڪئمپون ڪنهن نعمت کان گهٽ نہ آهن هنن ٻڌايو تہ فري ميڊيڪل ڪئمپ ۾ مول جي ڳوٺ شير محمد شهٺو کان علاوه آسپاس جي مختلف ڳوٺن جي سوين مردن عورتن ۽ ٻارن ڪئمپ مان فائدو حاصل ڪيو هنن وڌيڪ چيو تہ آئنده بہ ڪوهستان جي ڏورانهن علائقن ۾ سگا پاران ڪئمپون لڳايون وينديون جنهن سان مستحقين جي گهرن تائين صحت ۽ تعليم جهڙيون سهوليتون پهچي سگهنديون.

ٺاٺو بولاخان يوسي مول ۾ مفت طبي ڪيمپ ۾ ڊاڪٽر مريضن جي چڪاس ڪندي

داد لغاري ويجهو ڳوٺ ڪروهي جي رهواسي جو احتجاج

بااثر منير شر ۽ سڪندر شر زمين تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا: قادو شر

داد لغاري (ن ع) داد لغاري ويجهو ڳوٺ ڪروهي جو رهواسي قادو شر داد لغاري پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي چيو آهي تہ برادري جا بااثر منير شر ۽ سڪندر شر جيڪي زبردستي منهنجي قبولي زمين تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا هن چيو اسان جي علائقي جا معزز ڪٽو شر ۽ نويد شر اسان جو فيصلو بہ ڪيو هو ان باوجود بہ هو زبردستي زمين جي مالڪي جي دعويٰ ڪري قبضو ڪري مون کي موتمار ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن ۽ مون سميت منهنجي گهر ڀاتين کي بہ سخت تشدد جو نشانو بڻائن ۽ ڪنهن بہ وقت اسان کي جاني يا مالي نقصان ڏيئي سگهن ٿا. هن چيو تہ ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ايس ايڇ او داد لغاري فوري نوٽس وٺي منير شر ۽ سڪندر شر خلاف ڪاروائي مون کي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي.

لاڙڪاڻو پوليس بلائنڊ مرڊر ڪيس ۾ 3 جوابدار گرفتار، قتل جو اعتراف

خادم حسين جتوئي جي قتل جو ترڪي جتوئي پاران ڪيس داخل ڪرايو ويو هو

لاڙڪاڻو(بيوروريورٽ) لاڙڪاڻو پوليس مهينو اڳ الهہ آباد ٺاٺي جي حد ۾ هٿياربندن هٿان قتل ٿيل خادم حسين جتوئي جي بلائنڊ مرڊر ڪيس کي ٽريس آئوٽ ڪندي قتل ۾ ملوث 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي گرفتار جوابدارن ڏوهہ جو اعتراف ڪري ورتو آهي ان حوالي سان ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري ٻڌايو تہ 7 ڊسمبر تي الهہ آباد ٺاٺي جي حد ماڇي اسڪول واري علائقي ۾ هٿياربندن خادم حسين جتوئي نالي همراهہ کي قتل ڪيو جنهن واقعي جو اطلاع ملڻ تي پوليس مقتول جي ڀاءُ ترڪي جتوئي جي فرياد تي ڏوهہ نمبر 73/2025 قلم 302، 386، 452، 34 پي پي سي اهڙو داخل ڪيو. بلائنڊ مرڊر ڪيس کي ٽريس آئوٽ ڪرڻ لاءِ اي ايس پي رتوديرو سيد حيدر علي جي نگراني ۾ خاص پوليس ٽيم جوڙي وئي جنهن ۾ لاڳاپيل ڊي ايس پي حيدري احمد بخش راهوجو جي مدد سان گڏ ايس ايڇ او دعلقہ انسپيڪٽر عبدالغفور چنو ۽ ايس ايڇ او الهہ آباد سب انسپيڪٽر آصف علي ٽنيو کي ميمبر مقرر ڪيو ويو جنهن ٽيم پنهنجي فني مهارتن ۽ پيشيوارانہ صلاحيتن کي استعمال ڪندي بلائنڊ مرڊر ڪيس کي ٽريس آئوٽ ڪري قتل ۾ ملوث 3 جوابدار حسين جتوئي، علي بخش جتوئي ۽ مقبول جتوئي کي گرفتار ڪري ورتو جاچ دوران جوابدارن خادم حسين جتوئي کي ذاتي دشمني جي بنياد تي قتل ڪرڻ جو اعتراف ڪيو آهي جڏهن تہ سندن خلاف وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي پئي وڃي.

همدرد آرگنائيزيشن جي چيئرمين جي مان ۾ آجياڻو

سڪرنڊ (س ا) اڳوڻي وفاقي سيڪريٽري همدرد آرگنائيزيشن جي چيئرمين گل محمد رند ۽ ايگزيڪيٽو ڪائونسل جي مان ۾ عامر شهزاد بروهي پاران بروهي هائوس نوابشاهہ ۾ شاندار آجياڻي جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ همدرد جو جنرل سيڪريٽري نظير حسين رند، همدرد سپورٽ پروگرام جو چيئرمين قاضي جاويد سنائي همدرد ترجمان فهيم پاهي همدرد فري ايمبولينس جو انچارج اقبال رند ۽ عبدالغني راهمون پڻ شريڪ هئا ان موقعي تي ميزبان عامر شهزاد بروهي ڳالهائيندي چيو تہ همدرد باني گل محمد رند جي شخصيت ۽ سندس سماجي ڪردار مان تمام گهڻو متاثر آهيان جڏهن تہ سندس سياسي پاسو پڻ صاف سٿرو آهي تہ ٻئي پاسي ساڻس گڏ ٽيم پڻ مخلص ۽ محنتي آهي اهوئي سبب آهي جو ڪيس سندس ٽيم سميت آجياڻو ڏنو آهي ان موقعي تي گل محمد رند ڳالهائيندي چيو تہ اسين شڪر گزار آهيون ڀاءُ عامر شهزاد بروهي جا جنهن ڪوڙ سارين محبتون ڏنيون سندس پاران مليل پيار ۽ خلوص هميشہ ياد رهندو.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191

Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 18 جنوري 2026ع

سنڌ طاس معاهدي جي ڀڃڪڙي ۽ ڏکڻ ايشيا جو انساني بحران

سنڌ طاس معاهدو صرف پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ پاڻي ورهائڻ جو هڪ فني يا انتظامي بندوبست ناهي، پر هي معاهدو ڏکڻ ايشيا ۾ امن، استحڪام ۽ انساني بقا جي ضمانت طور سڃاتو وڃي ٿو. 1960ع ۾ عالمي بئنڪ جي سرپرستيءَ هيٺ ٿيل هي معاهدو ٻن دشمن ملڪن جي وچ ۾ به قانوني پابندي، اعتماد ۽ ذميواريءَ جي علامت رهيو آهي، پر هاڻوڪي حالتن ۾ ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي جي معطلي ۽ ان جي روح جي ابتڙ کنيل قدم نه صرف پاڪستان لاءِ پر پوري علائقي لاءِ گهڻتي جوڳا آهن. آمريڪي مئگزين 'دي نيشنل انٽرسٽ' جي تازي رپورٽ ڀارت جي انهن قدمن کي عالمي تناظر ۾ وائکو ڪندي پاڪستاني موقف جي کليل حمايت ڪئي آهي. رپورٽ موجب، ڀارت طرفان پاڻيءَ کي هڪ "اسٽريٽجڪ هٿيار" طور استعمال ڪرڻ ڏکڻ ايشيا کي هڪ وڏي انساني بحران ڏانهن ڌڪي سگهي ٿو. پاڻي جهڙو بنيادي وسيلو جيڪو زندگين، زراعت ۽ خوراڪ جي تحفظ سان سڌيءَ طرح جڙيل آهي، جيڪڏهن سياسي هٿيار بڻجي وڃي ته ان جا نتيجا انتهائي خطرناڪ ٿي سگهن ٿا.

ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي جي معطلي کان پوءِ علائقي ۾ پاڻيءَ جي سياست نئون ۽ خطري وارو رخ اختيار ڪيو آهي. خاص طور تي ڏلهستي اسٽيج- II جهڙا منصوبا، جيڪي مغربي دريائن تي ٺاهيا پيا وڃن، معاهدي جي صريح ڀڃڪڙي آهن. دي نيشنل انٽريسٽ واضح ڪري ٿو ته اهڙا منصوبا نه صرف قانوني تڪرار پيدا ڪن ٿا، پر علائقائي ڇڪتاڻ کي به وڌائين ٿا، جيڪا اڳ ئي ڏکڻ ايشيا ۾ موجود آهي. ڀارت جو هڪ ٻيو انتهائي ڳڻتيءَ جوڳو قدم پاڪستان کي آبي ڊيٽا جي فراهمي روڪڻ آهي. سنڌ طاس معاهدي تحت ڀارت پابند آهي ته دريائن بابت فني ۽ موسمي ڊيٽا پاڪستان سان شيئر ڪري، جيئن ٻوڏن، خشڪ سالي ۽ زرعي منصوبابنديءَ بابت بروقت قدم کنيا وڃن. آمريڪي رسالي جي رپورٽ موجب، ڊيٽا جي فراهمي روڪڻ بين الاقوامي قانونن جي سڌي ڀڃڪڙي آهي، جيڪا پاڪستان جي لکين ماڻهن جي جان ۽ معيشت کي خطري ۾ وجهي ٿي. عالمي ثالثي عدالت اڳ ئي واضح ڪري چڪي آهي ته ڀارت سنڌ طاس معاهدو يڪطرفه طور معطل نٿو ڪري سگهي. هي معاهدو ڪنهن هڪ ملڪ جي مرضي تي نه پر بين الاقوامي قانون، عالمي بئنڪ ۽ ٻنهي ڌرين جي ذميوارين تي ٻڌل آهي. ان باوجود ڀارت جو ضد ۽ جارحاڻو رويو نه صرف قانوني بي احترامي آهي پر عالمي نظام لاءِ به هڪ خطرناڪ مثال بڻجي سگهي ٿو.

دي نيشنل انٽرسٽ صحيح نموني نشاندهي ڪئي آهي ته سنڌ طاس معاهدو ڏکڻ ايشيا ۾ فوڊ سيڪيورٽي جي بنيادي ضمانت آهي. پاڪستان جي زراعت جو وڏو دارومدار سنڌو، جهلم ۽ چناب جهڙن مغربي دريائن تي آهي. انهن دريائن جي وهڪرن ۾ رڪاوٽ يا ڪنٽرول، پاڪستان جي زراعت، معيشت ۽ خوراڪ جي خودڪفالت کي سڌيءَ طرح متاثر ڪري سگهي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ لکين ماڻهو بک، بيروزگاري ۽ غربت جو شڪار ٿي سگهن ٿا. پاڪستان جو موقف شروعات کان ئي واضح ۽ قانوني رهيو آهي. پاڪستان نه ڪڏهن معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي ۽ نه ئي پاڻيءَ کي سياسي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان جي ابتڙ ڀارت بار بار معاهدي جي روح کي نظرانداز ڪري، طاقت ۽ دٻاءَ جي زبان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. آمريڪي مئگزين جهڙي باوقار عالمي اشاعت طرفان پاڪستاني موقف جي حمايت ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته عالمي برادري هاڻي ڀارتي قدمن کي سنجيدگيءَ سان ڏسي رهي آهي. پاڻي کي هٿيار بڻائڻ واري ڀارتي پاليسي عالمي عدالتن ۽ بين الاقوامي قانون جي نظر ۾ ناقابل قبول آهي. جيڪڏهن هن روش کي روڪيو نه ويو ته مستقبل ۾ دنيا جي ٻين علائقن ۾ به پاڻيءَ جهڙن قدرتي وسيلن تي تڪرار وڌي سگهن ٿا. ان ڪري ضروري آهي ته عالمي برادري، خاص طور تي عالمي بئنڪ ۽ گڏيل قومون، ڀارت کي سنڌ طاس معاهدي جي مڪمل پابندي ڪرڻ تي مجبور ڪن.

لطيفي لاٽ — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

بِيَنِ مِڙَنِي ڏِنيُون، ڏِئي نه ڏُونگَرَ راءِ؛
اَڻَ ڏِنِيَنِ آڏو ڦِري، ڏِنِيُون ڏِئي ڪِئاءِ؛
لورِيُون لَکَ مَٿاءِ، اَڻَ مَٿِيري مونائِيُون.

(سُر بلاول)

هِنئين جَنِين سين هوڏَ



محمد اسماعيل راهو

(حصو ٻيو ۽ آخري)

شهيد فاضل ۽ ادا صديق کي جيل کان ڪورٽ پهچائڻ جو ڪم ته رڍڻين جي حوالي هو پر وڪيلن کي حيدرآباد کان بدين جي فوجي ڪورٽ پهچائڻ جي ذميداري منهنجي ۽ مير مظهر ٽالپر جي هوندي هئي، ڊرائيور وارو ڪم مير مظهر انجام ڏيندو هو. اگر ڪنهن سبب جي ڪري مير غير حاضر ٿيو ته پوءِ ڊرائيوري لاءِ ماما اشرو کي وٺي ويندا هئاسين پر اهو گهٽ ٿي ٿيندو هو. بهرحال هر شنوائي تي آئون، مير مظهر ۽ وڪيلن ۾ چوڌري عبداللطيف ۽ پرتاب راءِ گڏجي بدين ويندا هئاسين ۽ واپس به گڏجي حيدرآباد ايندا هئاسين. محمد قاسم ڪڏهن اسان سان گڏ هلندو هو ته ڪڏهن وري ٽنڊي الهيار مان سڌو بدين ايندو هو. ان لاءِ اسين گاڏي (…)

آمريڪا جي فضائن مان — سنڌ جي سياسي زمين: بلاول ڀٽو جو پيغام، تنقيد ۽ حقيقت!

راجا زاهد اختر خانزادہ

اسلام آباد ۾ ايوان صدر جي هال ۾ جڏهن بلاول ڀٽو زرداري سفيرن، ڪاروباري شخصيتن ۽ ميڊيا جي نمائندن آڏو "سنڌ جي تبديليءَ جي ڪهاڻي" بيان ڪئي ته اها رڳو هڪ حڪومتي بريفنگ نه هئي پر پيپلز پارٽيءَ جي سنڌ ۾ سڀ کان ڊگهي ۽ لڳاتار صوبائي حڪمرانيءَ جي دفاع لاءِ هڪ منظم ۽ علمي سامعين جي حساب سان تيار ڪيل ڪوشش به هئي. بلاول ڀٽو اعتماد سان چيو ته سنڌ حڪومت بابت جاچي واڃي اهو تاثر پيدا ڪيو وڃي ٿو ته پيپلز پارٽي ڪجهه به ناهي ڪيو. جڏهن ته 2008 کان 2025 تائين صحت، تعليم، انفراسٽرڪچر، توانائي سماجي تحفظ ۽ معيشت جي شعبن (…)

دستاويز مستقبل جي سڌارن ۽ احتساب جو بنياد بڻجن ٿا عدالتي سطح تي به سنڌ جي حڪمراني مڪمل طور سوالن کان آزاد نه رهي آهي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ مختلف ڪيسن ۾ سرڪاري کاتن جي ناقص ڪارڪردگي لوڪل گورنمينٽ جي غير موثر نظام، پاڻي صفائي تعليم ۽ صحت جهڙن بنيادي شعبن ۾ رياستي ناڪاميءَ تي سخت ريمارڪس ڏنا خاص (…)

سوشل ميڊيا کان عام ڪچهرين تائين مسلڪي پنور ۾ قاتل ايران!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون انهن لفظن کان شروع ٿو ڪريان ته هتي افسوس انهن اپوجهه ماڻهن جي سوچ تي ٿئي ٿو جيڪي ايران جي هر مسئلي کي مسلڪي نقطهءِ نگاهه سان ڏسن ٿا ۽ ايران جي هن انقلاب کي ڪنهن مسلڪ سان جوڙين ٿا، تن جو خيال اهو آهي ته شايد اهو مسلڪ بينو ئي ايران جي هٿن مولوين جي بيسلخين تي آهي اچو ته روايتي مسلڪي دشمنيءَ کان اڳتي وڌون ۽ غور فڪر جي ڪينواس هيٺ متحد ٿيون مسلڪي اختلاف اپاري چڱ مڙسيءَ جو پتڪو ٻڌي اڳواڻ بڻجڻ بدران پنهنجي اندر موجود انسانيت کي اجاگر ڪري هر ملڪ، هر مسلڪ، هر مذهب جنهن وٽ (…)

آيت الله خامنه اي جي هوڄهن انهيءَ نظام جي خلاف نعرو بلند ڪري ايرانين کي منظم ڪيو، جنهن جي ڪري هر صورت ۾ انهيءَ جو ڪريڊٽ آيت الله خامنه اي کي ڏيڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته هن اهڙي سخت ماحول ۾ انقلاب جي قيادت ڪري دنيا جي اڳيان پنهنجي ڪرشماتي شخصيت ۽ قيادت ثابت ڪئي آيت الله خامنه اي جي هن انقلاب کان هڪدم پوءِ آمريڪا جي هٿئي تي عراقي صدر صدام حسين هنن تي جنگ مسلط ڪري ڇڏي، حالات ۽ مسلسل آمريڪا ۽ سنڌس حوارين طرفان ايران تي سختي رهي، جنهن جي ڪري ايران ۾ هي انقلاب هڪدم ڪا به بهتري نه آڻي سگهيو. (هلندڙ)

شاعري ۽ هڪ شاعره "شبانه عالماڻي"

منظور ڪوسو

سمنڊ جي گهرائيءَ جيان شاعريءَ جي دنيا به ايتري ئي وسيع ۽ گهري آهي جيترو پڙهنداسين ايترو ئي معنيٰ جي گهرائين ۾ وڌيڪ لهندا وينداسين پر مون پتائي سرڪار ۾ هڪ عجيب لُطف محسوس ڪيو آهي جو زندگيءَ ۾ الائي ڪيترا پيرا پڙهيم پر هر پيري نئين معنيٰ نئون فڪر نئون مزو ۽ اينئن محسوس ڪيم ڄڻ ته اڄ ڪو پهريون پيرو پڙهاٽس دنيا سڄي پري پئي آهي شاعريءَ جي پرلطف دنيا ۾ الائي ڪهڙا ڪهڙا هيرا موتي پيا سيرم سئوان وهن پرمون ته اجان تائين ڪجهه ڏٺو يا پاتوئي ڪونهي اسان ته اجان سپوا تائين محدود آهيون. بهرحال ٻين سپواڪارن لاءِ عرض رکنداسين ته سپوا ته ڇڏين جي ماسو به مال جڙيو پيو ته سندن سپوا سچائي ٿي ويندي جيئن پتائي صاحب فرمايو آهي ته

سپوا ڪَرِ سمنڊَ جي، جِتِ جڙَ وهي ٿو جالُ
سَٽين وهَن سيرَ ۾، ماڻِڪَ موتي لالُ
جي ماسو جُڙيئي مالُ، ته پُوڄارا پُرُ ٿئين (شاهه)

قيامت هت حشر آهي غريبن جا خدا ڏس تون
مصيبت ۾ بشر آهي غريبن جا خدا ڏس تون

جيڪڏهن شبانه عالماڻيءَ جي ڪلام جو مطالعو ڪيو وڃي ته هن قسم جو "پر شڪوه" ڪلام گهڻو نظر ايندو پنهنجي هڪ ڪلام ۾ عشق جا ڏس پتا ۽ ان جي سڃاڻپ هيٺن پئي ڪرائي:

پير بلاول واڙ گهاٽي منجهه ڏياريان
عاشق ماري ظاهر باطن منجهه جيئاريان
جوڳيڙا جهومايان، مان ٿو عشق سڏايان

جڳ ڪيئي صحرا مان، هت آهي وڃ،
واري آهي ۽ متلو ڪاڻي وڃي؟

(…)

اڄوڪو ڏينهن - 18 جنوري

عبدالله خواب حيدرآبادي



عبدالله خواب حيدرآبادي سنڌ جو هڪ مشهور غزل گو شاعر هو سندس جنم 18 جنوري 1904ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو هو فقط چار درجا پڙهيل هو ۽ حيدرآباد جي مشهور تلڪ چاڙهيءَ تي سندس درزڪو دڪان هو سندس وڏو ڀاءُ موسيٰ راز به هڪ سٺو شاعر هو پاڻ مسلم ادبي سوسائٽي ۽ بزم خليل جي مشاعرن ۾ باقاعدگيءَ سان شريڪ ٿيندو هو. سندس قلمي پورهئي ۾ تعبير خواب (سنڌي شاعري)، خواب و خيال (اردو شاعري)، سفر جو سفر (سفرنامو) ۽ داستان دردِ دل (آتم ڪٿا) شامل آهن هن 21 فيبروري 1981ع تي وفات ڪئي.

مختيار آئز

(…) "Historical Romance of Shikarpur" شامل آهن هي نالو وارو ليکڪ 26 نومبر 2019ع تي اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

سنڌي ادبي بورڊ ۾ موڪلي آيو 1984ع ۾ پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو اڳتي هلي انهيءَ اداري جو چيئرمين ٿيو 1993ع ۾ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن ۽ سنڌي ادبي بورڊ جو ميمبر مقرر ٿيو (…) انسان 18 جنوري 2010ع تي حيدرآباد ۾ پنهنجي ابدي سفر تي روانو ٿي ويو.

سيد امير علي شاهه جاموٽ

سعادت حسين منٽو



نرملا ميگهاڻي

روچيرام سچانند ٿڌاڻي



غلام رباني آگرو

ڪشنچند جيتلي

خليل مورياڻي

(…)

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 538 سال 2025

مسمات شازيه ڌيءُ شاهه دوست بروهي رهندڙ ڳوٺ ڪرم علي جمالي هاڻ رهندڙ سرور آباد تعلقو نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: رحيم داد پٽ بالو بروهي رهندڙ سروي آباد تعلقو نوابشاهه سيل نمبر 0303-0366524 ۽ 0302-2117872....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 26-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج-II شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر159 سال 2025

غلام رسول پٽ جوان جوکيو رهندڙ ڳوٺ سٽيوري تعلقو سڪرنڊ....پلينٽف...خلاف: (1) مسمات سنگهار ڌيءُ جوان جوکيو زال خير محمد فوتي معرفت سنڌس قانوني وارث: (اي) محمد ايوب (بي) محمد انور (سي) منور حسين (ڊي) محمد رمضان (اي) مسمات زرينه (ايف) مسمات بانو (جي) گلشن سڀ مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ 23 سٽپوري تعلقو سڪرنڊ (2) محمد جمن (3) محمد بخش (4) مسمات ستابي (5) مسمات ڪريمان (6) مسمات شهزادي سڀ پٽ ڏيٿرونجوان جوکيو (8) ڊي مختيارڪار روينيو نوابشاهه (9) اي سي نوابشاهه (10) سيڪريٽري روينيو سنڌ سيڪريٽريٽ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ نمبر01 کان دي ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن ڪينسليشن آف اليگل فوتي کاتا ايگزيڪيوشن آف فيملي سيٽلمينٽ، ميوٽيشن اينڊ پرمننٽ انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج-II نوابشاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج-II شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر48 سال 2025

مير مقبول پٽ محمد حيات جمالي ۽ ٻيا...پلينٽفس...خلاف: (1) نور نبي (2) عبدالنبي (3) غلام نبي (4) مرتضيٰ علي (5) صدام حسين سڀ پٽ محمود جمالي رهندڙ ڳوٺ محمود جمالي تعلقو نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن، پزيشن اينڊ پرمننٽ انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج-II نوابشاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 66 سال 2025
فيملي سوٽ نمبر 29 سال 2024

مسمات حميده ڌيءُ محمد مٺل ڪيريو رهندڙ يونيورسٽي ڪالوني نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: آصف علي ولد شاهه بيگ ڪيريو رهندڙ ڳوٺ نٺيائي تعلقو دوڙ سيل 0300274107....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم XXI رول 11 سي پي سي آر ڊبليو سيڪشن 5 لميٽيش لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 67 سال 2025
فيملي سوٽ نمبر 30 سال 2024

مسمات نجمه ڌيءُ محمد مٺل ڪيريو رهندڙ يونيورسٽي ڪالوني نوابشاهه ....پلينٽف...خلاف: اختر علي ولد شاهه بيگ ڪيريو رهندڙ ڳوٺ نٺيائي تعلقو دوڙ سيل 03082768796....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم XXI رول 11 سي پي سي آر ڊبليو سيڪشن 5 لميٽيش لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر304 سال 2025

مسمات گلناز ملاح...پلينٽف...خلاف: منهاج سومرو پٽ محمد قاسم مسلم بالغ ذات سومرو رهندڙ لطيف چوڪ ڪوٽڙي تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو سيل نمبر: 0318-3664378....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ پاسٽ ۽ فيوچر مينٽيننس ۽ ٻي درخواست زير قلم 17-A تحت دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج-I ڪنري
فيملي سوٽ نمبر 03 سال 2026

مسمات Shaina ڌيءُ ٺارو زال ماجد بالغ مسلم ذات چانڊيو رهندڙ ڳوٺ ڪارو چانڊيو تعلقو ڪنري ...پلينٽف...خلاف: ماجد پٽ موسيٰ ذات چانڊيو رهندڙ ڳوٺ ورند خان چانڊيو تعلقو ڪنري ... ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-I ڪنري

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب 8th ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سول اپيل نمبر369 سال 2024

(1) محمد حسن پٽ الهه بخش ذات پنهور رهندڙ ڳوٺ عبدالله پنهور ڳاجا موري ديهه نورائي ٽپو سري تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد (2) غلام محمد عرف گل محمد پٽ قمرالدين مسلم بالغ ذات پنهور رهندڙ ڳوٺ گل محمد ڳاجا موري ديهه نورائي ٽپو سري تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد....ايپليڪينٽ...خلاف: (1) محمد حسن پٽ محمد اسماعيل شيخ (فوتي) معرفت سنڌس قانوني وارث: (i) مسمات ڪزبانو بيواهه (ii) محمد اسماعيل پٽ (iii) مسمات ياسمين ڌيءُ (iv) محمد محسن پٽ (v) محمد احسان پٽ (vi) مسمات شيرين ڌيءُ (vii) محمد عمران پٽ (viii) نورين ڌيءُ (ix) نسرين ڌيءُ سڀ مسلم بالغ رهندڙ هائوس نمبر A-19 بلديه ڪالوني حيدرآباد (2) الطاف حسين (3) افتخار احمد (4) آفتاب احمد سڀ پٽ ممتاز حسين پٺاڻ (5) مسمات نور جهان زال ممتاز حسين پٺاڻ سڀ مسلم بالغ رهندڙ اٽبس گلاس ورڪس ڪلهوڙا وليج حيدرآباد (6) ڊي ڊي او (روينيو) حيدرآباد (7) ڊي او (روينيو) حيدرآباد (8) اي ڊي او (روينيو) حيدرآباد (9) پراونس آف سنڌ ٿو بي سرود معرفت سيڪريٽري گورنمينٽ آف سنڌ، (10) تنوير احمد پٽ عبدالمجيد ميمڻ مسلم بالغ رهندڙ هائوس نمبر E-4 الحبيب گارڊن بلاڪ-9 ڪلفٽن ڪراچي بي ايڊريس: هائوس نمبر D-1 گلشن حبيب قاسم آباد حيدرآباد (11) سب رجسٽرار حيدرآباد (12) مختيارڪار (روينيو) تعلقو حيدرآباد....ريسپانڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ نمبر01 کان 05 ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليئريشن ڪينسليشن آف اليگل فوتي کاتا ايگزيڪيوشن آف فيملي سيٽلمينٽ، ميوٽيشن اينڊ پرمننٽ انجنڪشن لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

8th ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر..... سال 2026

مسمات سائره ڌيءُ الهه ڏنو زال جاويد علي مسلم بالغ ذات ڪورائي رهندڙ ديهه-181 تعلقو ڏگهڙي ...پلينٽف..خلاف: جاويد علي ولد عبدالعزيز ذات ڪورائي رهندڙ ڳوٺ لاکو اتڙ ضلعو ميرپورخاص....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، مينٽيننس اينڊ رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي ايم-I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-II ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سمون)
فيملي سوٽ نمبر..... سال 2026

مسمات صباءَ ڪنول ڌيءُ غلام مصطفيٰ ذات قائمخاني رهندڙ محلا غلام حسين ڪالوني جهڏو ضلعو ميرپورخاص....پلينٽف...خلاف: حمزه حنيف ولد محمد حنيف ذات قائمخاني رهندڙ محلا الشمس روڊ ٽاور مارڪيٽ حيدرآباد ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج اينڊ جي ايم-II ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-I ميرپورخاص
(روبرو محترم حنا رشيد)
گارڊين ايپليڪيشن نمبر...... سال 2025

مسمات نيامت بيواهه شير محمد ذات پنهور رهندڙ ڳوٺ دوست محمد پنهور ويجهو ڪوس گهر ضلعو ميرپورخاص....ايپليڪينٽ...خلاف: جنرل پبلڪ....آپوينٽس. مائنر/ وارڊ: (1) حسنا ڌيءُ شير محمد (تاريخ پيدائش: 26-09-2012)، مسمات نيامت بيواهه شير محمد

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف ايپليڪيشن يو/ايس 7، 10 ۽ گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ 1980 لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي ڪورٽ I/MTMC ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ / فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات سومل ڌيءُ وزير علي ذات ڀٽو رهندڙ ڪوارٽر نمبر 18 ڪينٽ بورڊ اسٽاف ڪالوني حيدرآباد ڪينٽ ...پلينٽف..خلاف: فراز علي ڀٽو ولد اياز علي رهندڙ مختيارڪار هائوس ايريگيشن ڪالوني شهدادڪوٽ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، مينٽيننس اينڊ رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز ، ميڊيڪل لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ / فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ / فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات سويرا ڌيءُ وزير علي ذات ڀٽو رهندڙ ڪوارٽر نمبر 18 ڪينٽ بورڊ اسٽاف ڪالوني حيدرآباد ڪينٽ ...پلينٽف..خلاف: توفيق احمد ولد محمد شعبان عرف شاهنواز رهندڙ ڳوٺ الڙا چڪ نمبر 01 پي او پريالي ضلعو خيرپور ميرس ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، مينٽيننس اينڊ رڪوري آف ڊاوري آرٽيڪلز ، ميڊيڪل لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 20-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ / فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ فيملي III حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1897 سال 2025

مسمات صائمه...پلينٽف...خلاف: محمد ياسين ولد ديدار عباسي رهندڙ انعام ڪلهوڙو اوطاق پائي شاهه ڳوٺ ميهڙ ضلعو دادو... ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ فيملي III حيدرآباد

۾ ٿر جي شاگردن کي ٽيڪنالاجي ۽ آرٽيفيشل انٽيليجنس جي وڌندڙ رجحانن کان آگاهي ڏني ويئي سيمينار کي خطاب ڪندي آئي ٽي ماهرن ۽ ڪراچي يونيورسٽي جي پروفيسرن ۽ اسڪالرن چيو ته مصنوعي ذهانت مستقبل جي ضرورت آهي هنن چيو ته جيڪڏهن اسان جا شاگرد AI، ڊيٽا سائنس ۽ مشين لرننگ جهڙن شعبن ۾ مهارت حاصل ڪندا ته هو نه صرف پاڻ کي پر ملڪ کي به معاشي طور مستحڪم ڪري سگهن ٿا. سيمينار ۾ جديد ٽيڪنالاجي بابت شاگردن کي چيٽ جي پي ٽي (ChatGPT) ۽ ٻين AI ٽولز جي مثبت استعمال بابت آگاهي ڏني وئي ۽ روزگار جي موقعن بابت مصنوعي ذهانت جي ذريعي فري لانسنگ ۽ عالمي مارڪيٽ ۾ موجود نوڪرين بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي.انهي ڪانسواءِ ٿر جو مستقبل جي حوالي سان مقررين زور ڀريو ته ٿر جي باصلاحيت نوجوانن کي ڊجيٽل اسڪلز سان ليس ڪرڻ لاءِ هنگورجا ايسوسيئيشن جون ڪوششون واکاڻ جوڳيون آهن هنگورجا ايجوڪيشنل ويلفيئر ايسوسيئيشن جي عهديدارن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اسان جو مقصد ٿر جي پسمانده علائقن تائين جديد تعليم پهچائڻ آهي ته جيئن هتان جو نوجوان ڪنهن به ميدان ۾ پٺتي نه رهي سيمينار ۾ شاگردن اهڙن تعليمي پروگرامن کي جاري رکڻ جي گهر ڪئي. ان سان گڏ سڀني مقررن هنگورجا ايجوڪيشنل ويلفيئر ايسوسيئيشن جي ورڪرن کي ٿر جي تاريخ جي منفرد ڪامياب سيمينار منعقد ڪرائڻ تي تمام گهڻو ساراهيو

تاريخ تي مقرر ڪيل اليڪشن ڪاميٽي وٽ مٽياري جي محمدي پينل پنهنجا نامزدگي فارم جمع ڪرايا نامزدگي فارم جمع ٿيڻ وقت علائقي جا ڪيترائي پرائمري استاد پڻ موجود هئا، جيئن ته سنڌ اندر سابق دور ۾ جيڪي ، پ، ٽ الف ، جي تنظيم جون چونڊون ڪرايون وينديون هيون ، اهي انڊسٽري ڊپارٽمينٽ وارن جي نگراني ۾ ٿيون هيون ، تازو هاءِ ڪورٽ جي حڪمن تحت موجوده دور 26- 2025، جون چونڊون به انڊسٽري ڊپارٽمينٽ وارن جي نگراني ۾ ٿي رهيون آهن جيئن ته مٽياري سٽي جي يونٽ تي محمدي پينل جي سامهون مقرر ڪيل ٽائيم تائين ڪنهن به مخالفت ۾ ڪوبه پينل سامهون نه آيو ، نامزدگي فارم جمع ٿيڻ جي صورت ۾ سمورو محمدي پينل بنا مقابلي جي ڪامياب ٿي ويو ، ڪامياب ٿيل عهديدارن کي استادن طرفان گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ، جنهن جي موٽ ۾ صدر بشير احمد کتري، ۽ جنرل سيڪريٽري، امتياز مکڻ خاصخيلي طرفان

سيني دوستن ساٿين جا ٿورا مڃيا، اهو وچن ورجايو ويو ته سموري تنظيم پرائمري استادن جي هر مسئلي کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرائڻ لاءِ هر وقت ثابت قدم رهندي ،

ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ راڙو پئجي ويو

۾ وٺي چڙهيو ٻڌايو پيو وڃي ته موٽرسائيڪل تي ويندڙ ڏاڻ مڙس ڳوٺ آراضي کان نصيرآباد شادي تي وڃي رهيا هيا ته ميهڙ باءِ پاس تي حادثو پيش آيو

ٿاڻي جي حد پٺاڻي ڪالوني ۾ کليل گٽر ۾ معصوم ٻارڙي جي جان ڳڙڪائي وئي ستن سالن جو نينگر محمد عادل پٽ فاروق احمد لاشاري گهٽي ۾ موجود کليل گٽر ۾ ڪري پيو جيڪو ٻڏي فوت ٿي ويو واقعي کان پوءِ مقامي ماڻهن فوتي ٻارڙي کي گٽر مان ڪڍي سول اسپتال شڪارپور منتقل ڪيو جتي صحت کاتي ٻارڙي جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي ضروري قانوني ڪارروائي بعد معصوم جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي نينگر جي ماءُ کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا، جڏهن ته گهر ۾ ڪهرام مچي ويو هو ڏانگن محلي وارن واقعي خلاف احتجاج ڪيو بعد ۾ پاسي ميونسپل ڪميٽي جي سي ايم او عابد راجپوت واقعي بابت ٻڌايو ته هن تازو ئي چارج ورتو آهي ۽ شهر ۾ ڪيترن ئي گٽرن جا ڍڪ چوري ٿي ويا آهن هن چيو ته تمام جلد گٽرن تي نوان ڍڪ لڳايا ويندا ته جيئن اهڙا افسوسناڪ واقعا ٻيهر پيش نه اچن

پ پ پ اڳواڻ سالڪ طالب حسين زرداري صغير احمد جهيتيال پير بچل الدين سرهندي ۽ پير صدرالدين سرهندي سائين عبدالڪريم راڄڻ وڏيرو اشرف راڄڻ ماجد ڪوسو شرڪت ڪئي ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي جا ڪائونسلر نفيس احمد خانزاده بوبي جهتيال عبدالوحيد راڄڻ محمد يونس سولنگي جنرل سيڪريٽري پ پ سٽي بشير احمد سولنگي لکمير جاتوري علي حسن زرداري، زاهد علي ميراڻي سميت شهر جا معزز شخصيتون وڏيرو افتخار علي رند، لعل ڏنو سولنگي ذوالفقار علي سومرو ڪوڙو خان آگرو ارشاد جاتوري منور علي سولنگي ڊاڪٽر سليمان بروهي، سرائي طالب حسين زرداري مسرور خانزاده، محمد پريل سولنگي ڊي بي بلوچ،سائين اميد علي ڪلهوڙو رئيس پريل سولنگي،اعجاز بروهي،اياز ميراڻي،امداد علي ميراڻي صمد خانزاده ،محمد چاچڙ سولنگي ڪاشف سولنگي پڻ موجود هيا

پوليس واقعي واري هنڌ نه پهتي جڏهن ته رابطو ڪرڻ تي سيڪاٽ پوليس اهڙي واقعي بابت لاعلمي ظاهر ڪري ڇڏي آهي، متاثر ڌر ايس ايس پي مٽياري سميت وس وارن اختيارين کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته فوري طور جانچ شروع ڪري نامعلوم جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل سامان واپس ڏياريو وڃي

موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار 5 سالا محمود پٽ عمر جوڻيجو موقعي تي ئي فوت ۽ قربان علي جوڻيجو سخت زخمي ٿي پيو اطلاع تي ريسڪيو 1122 جي عملي حادثي ۾ زخمي ٿيل کي ڪنڌڪوٽ لاڙڪاڻي جي ٽراما سينٽر آندو جتي ڊاڪٽر ڪيس طبي امداد فراهم ڪئي ان حوالي سان زخمي جي وارثن ٻڌايو ته محمود ۽ قربان جوڻيجو موٽرسائيڪل تي لاڙڪاڻي کان رتوديرو وڃي رهيا هيا ته وارهه پل وٽ تيز رفتار ٽرڪ جو سندن موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ اهڙو حادثو پيش آيو آهي ٻئي طرف ڊرائيور ٽرڪ ڇڏي فرار ٿي ويو

جو مقابلو ڪيو واقعي ۾ مارجي ويل ڦورو جي لاش کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته جوابدارن جي قبضي مان هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا آهن پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي پوليس اهلڪار جي شهيد ٿيڻ جي اطلاع تي سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ايس ايس پي ڪياماڙي کي هدايت ڪئي ته فوري طور تي ڪيس سيني تفصيلن کان آگاهه ڪيو وڃي ۽ ايس ايس پي ڪياماڙي امجد شيخ آغا خان اسپتال پهتو جتي شهيد اهلڪار جي خاندان سان تعزيت ڪئي، پوليس آفيسرن کان واقعي بابت معلومات حاصل ڪئي ۽ ميڊيا سان پڻ ڳالهايو بعد ۾ شهيد اهلڪار جي لاش کي آغا خان اسپتال کان ايمبولينس ۾ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو.

ڌانهينڊي چيو ته اڪيل مهينو اڳ منهنجو نشي جو عادي نوجوان پٽ زاهد حسين مغيري گهران نڪرڻ بعد پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي، جنهن جي ڳولا مختلف هنڌن تي ڪرڻ سان گڏ اهڙو اطلاع حد جي رحمت پور ٿاڻي تي پڻ ڏنو پر ان جي باوجود وقت ٿاڻي سنڌس جو ڪوبه ڏس پتو نه پئجي سگهيو هن چيو ته پٽ جي گم ٿيڻ کان پوءِ مون سميت گهر جا ڀاتي سخت پريشان آهيون ۽ اسان جي گهر ۾ ڪهرام متل آهي جنهن لاءِ مان ضلعي انتظاميه سميت لاڙڪاڻي پوليس جي اعليٰ عملدارن کي اپيل ٿو ڪريان ته معاملي جو نوٽيس وٺي گم ٿي ويل پٽ جي ڳولا ۾ مدد ڪري چاڻيل پريشاني ختم ڪئي وڃي

سنڌڙي هوٽل ٻاهران ڪوسا برادري جو نوجوان قتل ٿيو هئو جنهن بعد پوليس وڏي اثالن سان اسان جي ڳوٺ تي چڙهائي ڪري پنج ماڻهن کي گرفتار ڪري 36، ميٺهون پنج رڍان پنج ڳئون چار لک 60 هزار روڪ رقم چار تولا سون هڪ پسٽل ۽ هڪ ريپيٽر لائسنس سميت ۽ ٻيو گهر جو سارو سامان کڻي وئي پوليس اسان کي چيو ته ڪوسا برادري جي فرياد تي اسان ڪارروائي ڪئي آهي جڏهن اسان ڪوسا برادري ڏانهن رياسين ته انهن چيو اسان جو ڪو تعلق ناهين پر ان باوجود ڪلهه هڪ ڀيرو ٻيهر پوليس اسان جي ڳوٺ تي چڙهائي ڪري اسان جي عورت مائي سميت ڪي ٽن ٻارن سميت کڻي وئي آهي ۽ اسان جي اڳ واري گرفتار ٿيل ماڻهن علي ڏنو لکڻ قربان علي لکڻ ۽ ظهير احمد لکڻ تي پوليس مقابلي جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي احتجاج ڪندڙن چيو ته پوليس اسان سان آخر ايتري ناجائزي ڇو ڪري رهي آهي اسان آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ٿا ڪريون ته خدارا اسان جي ڪيس جي شفاف انڪوائري ڪرائي وڃي جي اسان جا ماڻهون ان قتل ۾ ملوث آهن ته پوءِ پلي انهن کي سزا ڏني وڃي پر جي اسان جا ماڻهون بي گناهه آهن ته پوءِ اسان جي عورت معصوم ٻارڙن سميت آزاد ڪري ڪوڙا ڪيس ختم ڪري اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃين

عمارت تيار آهي جيڪا هيٺر ٽائين بند پئي آهي جنهن مان ايجوڪيشن کاتي جي لاپرواهي ۽ نااهلي ثابت ٿي رهي آهي جڏهن ته اسڪول جي عمارت بند هجڻ ڪري ڪلاس شروع نه ٿيڻ سبب ٻارڙن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي جيڪا سراسر ٻارڙن سان ناانصافي آهي تعليم انهن جو بنيادي حق آهي هنن وڌيڪ چيو ته ٻن سالن کان تيار ٿيل عمارت ايجوڪيشن کاتي جو ذميوار عملدار وٺڻ لاءِ ڇو تيار ناهي جڏهن ته اهيو ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي ته عمارت جي ناقص طريقي سان تعمير ڪئي وئي آهي.

نوجوان جي وارثن اڪرم لولائي مسمات روزينا وقار علي ممتاز مسمات شاهدا نائدا ۽ ٻين احتجاج ڪندي ٻڌايو ته اسان جو نوجوان آڪاش گذريل ڇهن ڏينهن کان پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي مسلسل ڳولا ڪرڻ باوجود به ڪو ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي هنن چيو ته آڪاش ڪرائي جي موٽرسائيڪل هلائيندو آهي ۽ اسان غريب مسڪين مزدور آهيون ڪنهن سان ڪا به دشمني ناهي ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي پر پوليس به ڪو تعاون ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي ڪري نوجوان جي ڳولا ۾ مدد ڪرائي وڃي ته جيئن پڪڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

ڦر ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا واقعي خلاف ڳوٺاڻن پريس ڪلب خيرپور پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن جي اڳواڻي اعجاز ميتلو سائين بخش محمد عثمان،

عبدالغفور علي در ميتلو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا مظاهرين ٻڌايو ته عبدالشڪور ميتلو ڳوٺ گابر ميتلو مان عورتن سان گڏجي خيرپور شهر وڃي رهيو هو ته هٿيارٻندن کين روڪي تشدد جو نشانو بڻايو ۽ موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا شاهه حسين ٿاڻي جي پوليس کي اطلاع ڏيڻ جي باوجود پوليس جوابدارن خلاف ڪارروائي ناهي ڪئي هنن ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

جو فقدان آهي سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي ذريعن موجب، سکر ميونسپل ڪارپوريشن ۾ سرڪاري طور تي ڀرتي ڪيل صفائي عملي جو تعداد 800 کان وڌيڪ آهي، جڏهن ته گذريل مقامي حڪومت جي دور ۾، شهر ۾ صفائي جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ 400 کان وڌيڪ صفائي عملي کي ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي ڀرتي ڪيو ويو هو لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن جي مجرمانه لاپرواهي ۽ مسلسل لاپرواهي جي ڪري، سکر شهر ۾ صفائي جي ناقص انتظامن جي ڪري، هر هنڌ ڪچري جا ڍير شهرين جي زندگين کي ناقابل برداشت بڻائي ڇڏيو آهي، جڏهن ته مصروف ترين روڊن تي جمع ٿيل ڪچري جي ڍير مان پيدا ٿيندڙ بدبو ۽ وبائي مرضن ۽ بيمارين جو سبب بڻجي رهي آهي ياد رهي ته سکر جي 25 يونيز ۾ صفائي جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ 1200 سينٽري ورڪر ۽ 100 سينٽري انسپيڪٽر مقرر ڪيا ويا آهن جڏهن ته شهر ۾ ڪچرو کڻڻ لاءِ گاڏين لاءِ 100 ڊرائيور ڀرتي ڪيا ويا آهن.

پوليس موجب گرفتار جوابدار کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو طرفان پوليس ٽيم لاءِ شاباشي جو پيغام جاري ڪيو ويو

وٺي سخت مقابلي کان پوءِ مولانا مسعود احمد قادري چيئرمين ۽ ايڊووڪيٽ زاهد احمد پنهور جنرل سيڪريٽري طور ڪامياب ٿي ويا تفصيل موجب، شڪارپور بچايو تحريڪ جي چونڊ سائين رفيق احمد ڏايو جي جاءِ تي ٿي گذري، جتي مختلف عهدن لاءِ اميدوارن وچ ۾ ڀرپور مقابلو ٿيو چونڊ نتيجن مطابق مولانا مسعود احمد قادري چيئرمين مولانا مشتاق احمد سهنڊڙو وائيس چيئرمين ايڊووڪيٽ زاهد احمد پنهور جنرل سيڪريٽري، حاجي الاهي بخش شيخ جوائنٽ سيڪريٽري، ڏاڏو طاهر سومرو خزانچي سعيد احمد سومرو پريس سيڪريٽري ۽ عبدالغفور ڏايو آفيس سيڪريٽري چونڊجي ويا اليڪشن ۾ جمعيت علماءِ اسلام قومي عوامي تحريڪ جمعيت علماءِ پاڪستان شيعه علماء پاڪستان آل پاڪستان ڪلارڪ ايسوسيئيشن انجمن سنڌي ايسوسيئيشن، جيئي لطيف لکيدر يونين، پٺاڻي بازار ايسوسيئيشن، ماڻا، پروفيسر ايسوسيئيشن، اسٽامپ وينڊر ايسوسيئيشن جونيئر ذوالفقار ڪيمپ سول سوسائٽي پاڪستان پيرا ميڊيڪل ايسوسيئيشن سنڌ پيرا ميڊيڪل ايسوسيئيشن ڊاڪٽر ايسوسيئيشن سڳا، شادي هال ايسوسيئيشن يونين آف جرنلسٽ، جعفريه الائنس ۽ آل سنڌ درزي ايسوسيئيشن شڪارپور سميت مختلف سماجي سياسي ۽ واپاري تنظيمن جي نمائندن جنهن ۾ قاري مجيب الرحمن مدني عبدالوهاب ڪاغذي ايڊووڪيٽ ظفر علي چنه مولوي عبدالفتاح مهر افضل حسين مغل علي احمد ٻرڙو حاجي سميع الله شيخ فضل الله نوراني، پرڪاش لعل ارشد سومرو رفيق احمد ڏايو عبدالرحمن شر ڊاڪٽر اظهر شاهه، بشير احمد لاشاري ۽ ابراهيم بروهي، اظهر حاجاڻو محمد يوسف منگي سميت وڏي انگ ۾ اڳواڻن شرڪت ڪئي ان موقعي تي نئين چونڊيل چيئرمين مولانا مسعود احمد قادري سمورن سٿ جو شڪريو ادا ڪيو ۽ اجلاس ۾ خطاب ڪندي چيو ته شڪارپور شهر سنگين مسئلن جو شڪار بڻيل آهي

شبير اڄڻ سان بد مست ايس ايڇ او ٺارو شاهه اسلم لغاري جي بدتميزي اڊنگهيو رويو اختيار ڪرڻ خلاف پٺاڻي پريس ڪلب محرابپور ۽ سنڌ صحافي اتحاد تعلقي محرابپور جي صحافين قاسم شيخ سريچند لالاڻي فائق ميمڻ آفتاب چاچڙ مجاهد سامٽيو گلاب ميمڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪندي بدمست ايس ايڇ او ٺاروشاهه اسلم لغاري جي فوري معطلي جو مطالبو ڪيو.

ڪي ڪار سوار نامعلوم هٿيارٻند مال ٻڙي سان ڪنهن ڪار ۾ کڻي ويا آهن جنهن جو هن وقت تائين ڪو ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي هنن ٻڌايو ته نوجوان جي گم ٿيڻ بعد مختلف ٿاڻن تان پڇا ڳاڇا ڪئي آهي پر پوليس ڪا به مدد نه ٿي ڪري مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن ٻڌايو ته اسان جي نوجوان کي اڻڄاتل لک روڪ رقم ۽ ٻيو سامان به ساڻ هيو اسان جي ڪنهن سان به دشمني ناهي وچ شهر ۾ نوجوان کي اڻ ڄاتل هٿيارٻندن ڪنهي گم ڪري وڏو ظلم ڪيو آهي هنن ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي گم ٿيل نوجوان جي ڳولا ۾ مدد ڪري پڪڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

نائب ناظم تمندار مختيار چانڊيو ۽ ضلعي ڪائونسل جي اڳوڻي ميمبر قابل چانڊيو جي اڻين ورسي ڙوار مهراڻ خان چانڊيو جي فوتگي سبب سادگي سان ملهائي وئي ان موقعي تي تمندار هائوس ميهڙ ۾ ڪنهي مقتولن جي وارث امر رباب چانڊيو هٿ ۾ ڏينو باري پريس ڪانفرنس لاءِ پهتي ۽ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته انصاف لاءِ آخري دم تائين وڙهندي رهنديس ۽ قانوني جنگ جاري رهندي هن چيو ته سرداري نظام خلاف سندن جدوجهد به جاري رهندي منهنجي جدوجهد ظلم جبر جي خلاف انصاف لاءِ آهي سياست ناهي جتي سردار مضبوط ۽ عوام ڪمزور هجي تهه اهو نظام ناهي پر زنده قبرستان هوندو آهي اڄ جو آواز سرداري نظام نامنظور آهي ظلم ۽ ظالم چاهي تاج پهري اچي تهه اسان چونداسين تهه سرداري نظام نامنظور هن چيو تهه پي ٽي آءِ وارن مون کي عورتن جي رزرو سيٽ جي آفر ڪئي جيڪا مون نهه ورتي انهن سان ملاقاتون بهه ڪيون هنن ايوان ۾ تحرڪ التوا پيش ڪري بلاول کان جواب طلب ڪيو هيو پر هو نهه آيو هيو هن چيو تهه منهنجي والد صاحب ڏاڏي چاچي جي قتل ڪيس جي سماعت پنجن ڪلاڪن ٿيڻ ٿي آهي ۽ ايندڙ شنوائي 23 جون ٿيڻ ملتوي ٿي آهي امر رباب چانڊيو وڌيڪ چيو ته گذريل اٺن سالن کان انصاف لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهيان منهنجي گهرڀاتين کي بيگناهه شهيد ڪيو ويو آهي

ڦاهي جي سزا سان گڏ پنج لک رپيا ڏنڊ به لاڳو ڪيو جوابدار به سال اڳ پنهنجي زال گلشن کي تيز ڌار اوزار سان ڳلو ڪپي بيدردي سان قتل ڪيو هو واقعي جو ڪيس مقتولا جي پٽ مقصود وسير جي فرياد تي اي سيڪشن ٿاڻي تي جوابدار خلاف داخل ڪيو ويو هو عدالت طرفان فيصلو ٻڌائڻ کان پوءِ جوابدار کي سخت سيڪيورٽي هيٺ سينٽرل جيل سکر منتقل ڪيو ويو

دوران گشت پير مشائخ وٽ ڪارروائي ڪندي قتل ڪيس سميت ٻين ڪيسن ۾ گهربل ڏوهاري نديم سهتو کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته گرفتار ڏوهاري جي قبضي مان بنا لائسنس پسٽل هٿ ڪيو ويو پوليس موجب گرفتار ڏوهاري مٿان ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته گرفتار ڏوهاري کان وڌيڪ جاچ جاري آهي ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو طرفان پوليس ٽيم لاءِ شاباشي جو پيغام جاري ڪيو ويو

فيصل مسجد جي طالبن ۾ سالياني دستاربندي ۽ انعام ورهائڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي رپورٽ موجب ڪنڊيارو جي ديني مدرسي فيصل مسجد جي قاري شفقت الرحمان جي نگراني ۾ سالياني دستاربندي ۽ انعام ورهائڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي دين اسلام جي ناميارين روحاني شخصيت حضرت مولانا قاري ارشاد احمد حقاني ٻاران خصوصي خطاب ڪيو ملڪ جي ناميارين نعت خوان حضرت مولانا مفتي محمد انس يونس نعت پيش ڪيون 300 طالبن مان 8 طالبن قرآن پاڪ حفظ ڪيو ۽ 25 طالبن قرآن پاڪ جو ناظره مڪمل ڪيو تقريب ۾ مدرسي جي ٻين طالبن ٻاران پڻ قرآت ، نعت ، نظم ۽ تقريرون جو مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي حضرت مولانا راشد مدني ، مولانا عاشق ، مولانا عظيم ، مولانا عبدالمالڪ انصاري سميت مختلف شعبن جي ماڻهن وڏي انگ

۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته ڪميٽي صدر ڊاڪٽر صابر شيخ معزز عالمن ۽ مهمانن کي اجرڪون اوڍايون ويون ۽ مدرسي جي شاگردن ۽ حافظ قرآن طالبن جي دستاربندي ڪري استادن سميت ڪاميابي ماڻيندڙ طالبن کي ڪتاب ، قرآن مجيد ۽ هڪ هڪ هزار روپيا روڪ انعام ڏنا ويا

سگهي آهي. جنهن ڪري هٿيار بند قاتل سرعام گهمندا رهن ٿا ۽ اسان کي ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ موتمار ڌمڪيون به ڏيندا رهن ٿا. جنهن ڪري سخت پريشان آهيون. ڏوهارين مان جاني ۽ مالي خطرو لاحق آهي. هنن سنڌ جي گهرو وزير سميت آئي جي سنڌ پوليس، ڊي آئي جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان گهر ڪئي ته قاتلن خلاف ڪارروائي ڪري اسان غريبن کي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي.

جي يقين ڏهاني کي مضبوط ڪرڻ ۽ مسلسل بهتري جي عملن کي فروغ ڏيڻ آهي RIP جائزو ٽيم جي اڳواڻي پروفيسر ڊاڪٽر سعيد احمد بوزدار وائيس چانسلر ٿل يونيورسٽي پڪ ڪنوينر طور ڪئي ٽيم ۾ پروفيسر ڊاڪٽر انور خطاب (ڊين، ميرپور يونيورسٽي آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي آزاد ڪشمير)، پروفيسر ڊاڪٽر ڪاشف صاب (ڊين انسٽيٽيوٽ آف بزنس مئنيجمينٽ ڪراچي)، پروفيسر ڊاڪٽر ناديا ناصر (سپيريئر يونيورسٽي لاهور)، پروفيسر ڊاڪٽر عاصمه منشا (ڊائريڪٽر ڪيو اي سي/پروفيسر گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي فيصل آباد)، ڊاڪٽر محمد سعيد شهباز (ايسوسيئيٽ پروفيسر يونيورسٽي آف سينٽرل پنجاب لاهور) ۽ مسٽر امتياز علي لکن (اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايڇ اي سي اسلام آباد) شامل هئا . جائزو ٽيم جو آئي بي اي يونيورسٽي سکر پهچڻ تي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر آصف احمد شيخ ٻاران گرمجوشي سان استقبال ڪيو ويو هن موقعي تي يونيورسٽي انتظاميا ۾ پروفيسر ڊاڪٽر سيد مير محمد شاهه (پرو وائيس چانسلر مين ڪيمپس)، پروفيسر ڊاڪٽر اي آر سومراڻي (پرو وائيس چانسلر سکر آئي بي اي ڪيمپس)، پروفيسر ڊاڪٽر منظور علي ميراڻي (پرو وائيس چانسلر آئي بي اي ڪيمپس خيرپور ميرس)، پروفيسر ڊاڪٽر نياز حسين پٺو (ڊين، فيڪلٽي آف مئنيجمينٽ سائنسز)، ڊاڪٽر ظفر الله (ڊين، فيڪلٽي آف ايجوڪيشن)، ڊاڪٽر سعيد احمد خان (ڊين، فيڪلٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي)، مسٽر محمد عرفان قاسم (ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڪوالٽي اينهانسمينٽ سيل) ۽ QEC ٽيم جا ميمبر شامل هئا ٽن ڏينهن جي دوري دوران RIP جائزو وٺندڙن PSG-2023 تحت RIP معيارن ۽ ضروري نتيجن جي اشارن (EOIs) جي روشني ۾ هڪ جامع ثبوت تي ٻڌل آڊٽ ڪيو

تعلقي جي پنج مهينا اڳ فوت ٿيل استاد کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪندي ڏهه ڏينهن اندر پيش ٿيڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي. ڏيپلو تعلقي جي ڳوٺ سنڌرڻي جي رهواسي پنج مهينا اڳ فوت ٿيل استاد سنتوش ڪمار کي گوسڙو چاڙهيو ويو آهه

ڪريون ٿا خاص طور تي ڪلي سٽي سان سراسر ظلم ۽ ناانصافي ڪئي پئي وڃي هن چيو ته شهر جي ڪجهه علائقن کي ڪٽ ڪري اثر رسوخ وارن ماڻهن کي بجلي فراهم ڪئي وڃي ٿي، جڏهن ته باقي علائقن جي بجلي مڪمل بند ڪئي وڃي ٿي يا رڳو سٺو پيس (گهٽ وولٽيج) بجلي ڏني وڃي ٿي ساڳي طرح گيس به بند رکيو وڃي ٿو گيس ۽ واپڊا وارن کان پڇڻ وارو ڪو به ناهي خيرپور جي رهواسين کي گيس ۽ بجلي جهڙين بنيادي سهولتن کان محروم ڪيو ويو آهي هن وڌيڪ چيو ته گيس ۽ بجلي جي عدم دستيابي سبب گهرن ۾ چولها ٺڌا پئجي ويا آهن جنهن ڪري ٻارن ۽ بزرگن جي زندگيون به خطري ۾ پئجي ويون آهن هن مطالبو ڪيو ته اعليٰ اختيارين ان ظلم جو فوري نوٽيس وٺن

ان موقعي تي خطاب ڪندي ڊي بي اي جي صدر اعجاز علي چانڊيو چيو ته اسان جي حمايت واري پينل جي سمورن ڪامياب اميدوارن کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو هن

چيو ته وڪيل سنڌ جي وسيلن ۽ سنڌ جي عوام جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکندا، اسان جو مقصد عام ماڻهون کي عدالتن مان انصاف ڏيارڻ آهي

مرڪزن ۽ بازارن ۾ حدڌخلين، سامان ۽ دڪانن جي ٻاهران غير قانوني پارڪنگ جي ڪري صبح ۽ شام جي وقتن تي ٽريفڪ جام جاري رهندو آهي ڪجهه ڏينهن اڳ سکر انتظاميا، خاص طور تي پوليس ۽ اينٽي انڪروچمينٽ فورس، ٽريفڪ جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ اينٽي انڪروچمينٽ آپريشن شروع ڪيو هو

مسڪين معذور هجڻ جي باوجود پورهيو ڪري گهرڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو آهيان هن الزام لڳايو ته گذريل رات مان گهر جو سامان خريد ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هيو ته رستي ۾ پيپلز ڪالوني واري علائقي ۾ چانڊيا ذات جي ٽن بااثر ماڻهن بيگناهه مونسان جهيڙو ڪري تشدد جو نشانو بڻايو اهڙي شڪايتن ڪئي مان حد جي سول لائين ٿاڻي تي پهتس، جتي پوليس مونکان رشوت طلب ڪئي جيڪا نه ڏيڻ تان پوليس بااثرن خلاف ڪابه ڪارروائي نه ڪئي جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي سول لائين ٿاڻي جي پوليس کان پڇاڻو ڪرڻ سان گڏ بااثرن خلاف ڪارروائي ڪري مون مسڪين سان انصاف ڪيو وڃي

ڏسي سگهو ٿا، ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته هن اسڪول جا استاد ۽ پٽيوالا ويزا پاليسي تحت چڙهي ڏنا آهن جن کان هي هر مهيني هزارين رپيا وٺندو رهي ٿو ذريعن کان اهو به معلوم ٿيو آهي ته هن هيڊ ماسٽر محمد يوسف سومرو اسڪول جون موٽرون پکا ڪرسيون ۽ بجلي جون تارون پڻ پٽائي کپائي ڇڏيون اٿائين، تنهنڪري اعليٰ اختيارين کي اپيل ٿي ڪجي ته هن ڪرپٽ هيڊ ماسٽر خلاف سخت کان سخت ڪارروائي ڪري هي قومي تعليمي اداري کي بچايو

نڪري آيا ۽ گهرن جا در ٺوڙي دروازا پڻ هلجي ويا ۽ موڙن به ڌانهون ڪيون. جڏهن ته ڪجهن گهرن کي به معمولي نقصان پهتو پر ڪنهن به وڌيڪ جاني يا مالي نقصان جا اطلاع نه مليا آن. زلزلي جي شدت 4 1 ٻڌائي وئي

خان مشتاق راهو اشوڪ راماڻي، فاضل چنه، سيد عرفان شاهه يوسي چيئرمين حق نواز ميرجت، خالد جوڻيجو جمشيد جوڻيجو گلزار ملڪ، رشيد چانڊيو، منور ڪوهري، منور جوڻيجو راشد لغاري، انور شيخ، صالح شيخ، ممتاز ٻهڻائي، آفاق قريشي سميت سياسي سماجي ادبي صحافتي ادبي حلقن ڏڏي تي پهچي فاتح ڪندي تعزيت ڪئي

نامي باوجود حيدرآباد ۾ غير قانوني پارڪنگ ايريا قائم ڪري پارڪنگ فيس جي آڙ ۾ ڀتو وصول ڪيو وڃي ٿو. هنن چيو ته هائي ڪورٽ سوڌو سيشن ڪورٽ جي حڪم تحت غيرقانوني پارڪنگ فيس وصول ڪندڙن تي ايف آئي آر داخل ڪرڻي آهي پر هن وقت تائين ڪنهن به پارڪنگ انچارج خلاف ڪيس داخل نه ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڪيترن ئي علائقن ۾ پارڪنگ فيس جي وصولي جاري آهي. هنن چيو ته صدر جي ڊاڪٽر لائن ۾ روزانو سوين ٻهراڙي جا ماڻهو پنهنجي پيارن جي علاج جي سلسلي ۾ اچن ٿا جن کان غيرقانوني پارڪنگ فيس ورتي پئي وڃي ۽ پارڪنگ فيس وصول ڪرڻ باوجود مختلف علائقن ۾ ٽريفڪ جو جام ٿيڻ معمول بڻيل آهي گاڏين جي چوري واري واقعن تي به ڪو ضابطو نه اچي سگهيو آهي. هنن مطالبو ڪيو ته شهر جي پلازائن ۾ پارڪنگ ايريا قائم ڪري غيرقانوني قرار ڏنل پارڪنگ فيس وصول ڪندڙن خلاف ڪيس داخل ڪري شهرين جي پيٽي کورن کان جان ڇڏائي وڃي

سبب گريڊ هڪ کان 18تائين جا ملازم ۽ رٽائر ملازم پگهار ۽ پينشن نه ملڻ سبب

سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. هنن چيو ته گذريل نگران حڪومت جي دور ۾ پگهار ۽ پينشن جي مد ۾ 50ڪروڙ رپين جي سمري موڪلي وئي هئي جيڪا موجوده سنڌ حڪومت جي دور دوران به منظور نه ٿي آهي جنهن سبب 400کان وڌيڪ ملازم گذريل 14مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن. هنن چيو ته ايس ڊي اي پراجيڪٽ مڪمل ٿي چڪو آهي جنهن بعد ملازمن کي سرپلس ڪرڻ جي ضرورت آهي ملازمن کي سرپلس به نه ڪيو وڃي. هنن چيو ته پگهار ۽ پينشن نه ملڻ ملازمن جي گهرن ۾ فاقاڪشي چانيل آهي ملازم پنهنجي ٻارن تعليم ۽ پنهنجي علاج سوڌو گهر جو ڪاروهوار هلائڻ ناممڪن ٿي ويو آهي. هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مرادعلي شاهه کي اپيل ڪئي ته ايس ڊي اي جي ملازمن جي پگهار ۽ پينشن لاءِ 50 ڪروڙ رپين جي گهرانت جلد منظور ڪري ملازمن ۾ ڦيليل بي چيني ختم ڪئي وڃي

ويا. مقابلا صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر جي هدايتن تي ڪرايا ويا مقابلن ۾ سنڌ جي مشهور ديسي نسل سميت ڪاٺياواڙي نسل هرزئي نسل ۽ بلوچستاني نسل جي لڳ ڀڳ 150 گهوڙن شرڪت ڪئي جڏهن ته مقابلا ڏسڻ لاءِ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر مريم ڪيريو چيو ته حيدرآباد هڪ وڏو تاريخي شهر آهي جتي مختلف سرگرميون ٿينديون رهنديون آهن ۽ گهوڙن جي ڊوڙ جا مقابلا شهر جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو منعقد ڪيا پيا وڃن هن ٻڌايو ته راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر جي خواهش آهي ته حيدرآباد ۾ اهڙيون مثبت سرگرميون ٿين ان ئي سوچ تحت اهو فيصلو ڪيو ويو ته اهڙي سرگرمي جو آغاز ڪيو وڃي جيڪا اڳ ڪڏهن به منعقد نه ٿي هجي مريم ڪيريو وڌيڪ ٻڌايو ته انهن مقابلن ۾ وڏيرن کان وٺي عام شوقين ماڻهن جا گهوڙا به شامل آهن. جڏهن ته مختلف معزز شخصيتن ۽ اڳوڻن وزيرن جا گهوڙا پڻ مقابلي ۾ حصو وٺي رهيا آهن واضح رهي ته راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي اهتمام هيٺ ونٽر اسپورٽس فيسٽيول 2026 جي سلسلي ۾ سپاٽي پڻ ڪوڏي ڪوڏي ۽ ونجهه وٽي جا مقابلا منعقد ڪيا ويندا، جن ۾ سنڌ جي مختلف علائقن مان ٽيمون حصو وٺنديون تقريب جي پڄاڻي تي منتظمين شهرين کان اپيل ڪئي ته هو پنهنجي ڪٽنب سان گڏ اهڙين سرگرمين ۾ شرڪت ڪن ۽ راندين جي فروغ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.

ويون آهن انهن ڪٽڪ جي ٻورين انڪوائري ٿيڻ گهرجي ۽ شاهين مل بدين کي ڪيتري ڪوٽا ملي ۽ شاهين مل ٽنڊوباگو تعلقي جي کهڙين فلور ملز ۽ اٽي چڪي وارن کي ڪيتري ڪوٽا ڏني جن جي ايف آءِ اي کان انڪوائري جو مطالبو ڪيو آهي ۽ ڪٽڪ جا ڪهڙن شهرن ۾ سرڪاري اسٽال لڳايا ويا آهن غريب طبقي وارن کي ڪيترو رليف هن مهل تائين مليو آهي ايماندار آفيسر کان انڪوائري ٿي ته اڇا ڪارا سڀ پول پڌرا ٿي ويندا هنن جي غريب طبقي وارن وزير اعلا سنڌ کان انصاف جو مطالبو ڪيو آهي

۽ سماجي ڀلائي لاءِ همدرد جي ديرينه عزم جي نئين سر تجديد ڪئي وئي تقريب ۾ معزز شخصيتن، صحت جي ماهرن، تعليم دانن شاگردن ۽ قومي توڙي بين الاقوامي ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي سينيٽر مشاهد حسين سيد، خاص مهمان شهيد حڪيم محمد سعيد کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي کين پاڪستان جي اصل سچائي ۽ علم ڪردار ۽ خدمت جو حسين ميلاپ قرار ڏنو .

انجڻ کي باهه لڳي وئي انجڻ ۾ باهه لڳڻ سبب مسافرن ۾ ڌانهون پئجي ويون ۽ خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو جنهن بعد فائر برگيڊ کي طلب ڪيو ويو جنهن انجڻ کي لڳل باهه تي ضابطو آندو جنهن بعد حيدرآباد مان هڪ وڌيڪ متبادل انجڻ گهرايو ويو ان کي ٽرين سان ڳنڍيو ويو اهڙي طرح پنجن

ڪلاڪن جي دير بعد ٽرين کي پنهنجي منزل ڏانهن روانو ڪيو ويو ماروي ايڪسپريس جو انجڻ فيل ٿيڻ ۽ متبادل انجڻ کي باهه لڳڻ سبب مسافرن کي ڪيترائي ڪلاڪ پريشاني کي منهن ڏيڻو پيو جڏهن ته ڪيترائي مسافر ڏکئي انتظار کان تنگ ٿي متبادل سوارين ذريعي پنهنجي منزلن ڏانهن روانا ٿي ويا.

ڪري چڙهيا

ڪيا ويندا، ته جيئن ڪميوٽيشن گريجوئيٽي سير اينيويشن ۽ رٽائرمينٽ کان اڳ موڪلن جي نقد ادائيگي جي مدن ۾ واجبات وقت سر ادا ڪري سگهجن فنانس طرفان واضح ڪيو آهي ته خرچن جي ادائيگي سڀني لاڳاپيل قاعدن ضابطن ۽ ڪوڊل فارميليٽيز موجب ڪئي ويندي، جڏهن ته اڳ ۾ جاري ڪيل عام شرطن ۽ ضابطن تي پڻ مڪمل عملدرآمد يقيني بڻايو ويندو سنڌ حڪومت جو هي قدم پنهنجي ريٽائرڊ ملازمن جي ڀلائي، مالي تحفظ ۽ مسئلن جي حل لاءِ ان جي مضبوط عزم جو عڪاس آهي، جنهن سان صوبي ڀر جي هزارين پينشنرز کي ڊگهي عرصي کان رهيل واجبات جي ادائيگي ۾ رليف ملڻ جي اميد آهي

بک هڙتال

جاري رکي ويئي احتجاجي ڪئمپ تي سڪو ڪرشن ڪرمڻ ڪولهي نياز محمد سميت مختلف ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري ڪارونجهر جي امڪاني ليزن خلاف نعري بازي ڪئي اڳوڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڪارونجهر جي تحفظ لاءِ اسان گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائي رهيا آهيون پر اڄاڻ تائين حڪومت ڪارونجهر جي ڪٽائي لاءِ پنهنجي هوڏ تي قائم آهي تازو بلاول ڀٽو زرداري مٺي ۾ چيو ته اسان وٽ سنڌ جي وسيلن جا اختيار ناهن انهي بيان مان ئي سنڌ حڪومت جي بيوسي نظر اچي ٿي اسان کي هاڻ هنن جي ڳالهين تي ڪو به ڀروسو ناهي جيستائين ڪارونجهر کي قومي ورثو قرار نٿو ڏنو وڃي تيستائين اسان پنهنجو پر امن احتجاج جاري رکنداسين ٻي پاسي ڪارونجهر سڄاڳ فورم ٻاران ننگرپارڪر جي ڳوٺ لاکي جو وانديو ۽ اوڏ سميت مختلف ڳوٺن ۾ ڪارونجهر سجاڳي مهم جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو آهي

پهچايو هيو پوليس موجب پوليس اهلڪار کي دشمني تحت قتل ڪيو ويو آهي لياقت دادو جو رهواسي هيو سنڌس پٽ تي قتل جو الزام هيو واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي اگهيو

ٽيڪ نه هجڻ جو ٻڌايو پيو وڃي جنهنجو پڻ لاش شيخ زيد هسپتال ميرپورساڪرو مان ضروري قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ٻنهي نوجوانن جي گهرن ۾ ڪهرام متل

جنهن سبب علائقي جا ٻار تعليم کان محروم ٿي رهيا آهن ڳوٺاڻن موجب اسڪول ۾ اڳ مقرر استاد کي رٽائر ٿيندي ڇهه مهينا ٿي چڪا آهن پر ان کان پوءِ اڄان تائين نئون استاد مقرر نه ڪيو ويو آهي ڳوٺاڻن ٻڌايو ته هن سلسلي ۾ تعليم کاتي کي ڪيترائي ڀيرا درخواستون ڏنيون ويون آهن پر کاتي ٻاران اهو چيو وڃي ٿو ته استاد منظور ٿيل آهي پر بائيو ميٽرڪ جي مسئلي سبب اڃان تائين اسڪول ۾ حاضري نٿو ڏئي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته هي جواب گذريل ڪيترن مهينن کان ڏنو پيو وڃي، پر عملي قدم نه کنيو ويو آهي ۽ اسڪول وٽ باقاعده عمارت به موجود ناهي ان باوجود هي تعليمي ادارو لڳ ڀڳ 12 سالن کان هلندڙ آهي جتي هن وقت تقريبن 80 ٻار داخل ٿيل آهن جيڪي آس پاس جي پنجن ڳوٺن مان تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ اچن ٿا. استاد نه هئڻ جي ڪري سخت سياري جي موسم ۾ ٻار روزانو لڳ ڀڳ ٻه ڪلو ميٽر پنڌ ڪري اسڪول تائين اچن ٿا، پر تعليم حاصل ڪرڻ کان محروم موٽڻ تي مجبور آهن علائقي واسين مطالبو ڪيو آهي ته تعليم کاتو فوري طور مسئلي جو حل ڪڍي، نئون استاد مقرر ڪري ۽ ٻارن جي تعليم کي بچايو وڃي

ترقياتي ادارو ڪراچي

پلاٽن جو عظيم الشان عام نيلام

سيڙپڪاري جو سونهري موقعو

نارٿ ڪراچي ٽائون شپ، ڪورنگي ٽائون شپ ۽ سرجاني ٽائون شپ ۾ روڊ هنڌ تي واقع ڪمرشل پلاٽن جو عام نيلام بروز اڱارو تاريخ 3 فيبروري 2026 تي سرجاني ٽائون شپ، جڏهن ته اربع 4 فيبروري 2026 تي نارٿ ڪراچي ٽائون شپ، سيمينار هال ٽرڊ فلور سوڪ سينٽر يونيورسٽي روڊ گلشن اقبال ڪراچي ۾ هيٺ ڄاڻايل تاريخن تي صبح 10 وڳي عام نيلام ٿيندو.

هر پلاٽ جو لي آئوٽ پلان 9TH DP&UD, KDA فلور سوڪ سينٽر ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

S.No.	Plot No.	Block/	Area in	Scheme/Township
1	LS-1 (ST-1)	5-B/1	80	North Karachi
2	LS-2(ST-1)	5-B/1	80	North Karachi
3	LS-3 (ST-1)	5-B/1	80	North Karachi
4	LS-31	A/1-5	40	North Karachi
5	LS-32	A/1-5	40	North Karachi
6	ST-1/4	17	600	Korangi Township
7	ST-1/1	17	600	Korangi Township
8	ST-7	C/1/31-	936.44	Korangi Township
9	SA-10	-F35	240	Korangi Township
10	SA-11	-F35	240	Korangi Township
11	SA-12	-F35	240	Korangi Township
12	ST-19/20	-A50	600	Korangi Township
13	SB-13(ST-2)	27	333.08	Korangi Township
14	SB-14(ST-2)	27	333.08	Korangi Township
15	SB-15(ST-2)	27	333.08	Korangi Township
16	SB-16(ST-2)	27	333.08	Korangi Township
17	SA-1 (ST-9)	-F6	250	Korangi Township
18	SA-2(ST-9)	-F6	250	Korangi Township
19	SA-3 (ST-9)	-F6	250	Korangi Township
20	SA-4 (ST-9)	-F6	250	Korangi Township
21	SA-5 (ST-9)	-F6	498.71	Korangi Township
22	SA-6 (ST-9)	-F6	293.32	Korangi Township
23	SA-7 (ST-9)	-F6	250	Korangi Township
24	SA-8 (ST-9)	-F6	250	Korangi Township
25	SA-9 (ST-9)	-F6	250	Korangi Township
26	SA-10 (ST-9)	-F6	250	Korangi Township
27	SA-11 (ST-9)	-B11	250	Korangi Township
28	SR-2	-B11	248.76	Surjani Town
29	SR-3	-B11	248.76	Surjani Town
30	SR-4	-B11	248.76	Surjani Town
31	SR-5	-B11	248.76	Surjani Town
32	SR-6	-B11	248.76	Surjani Town
33	SR-7	-B11	248.76	Surjani Town
34	SR-8	-B11	248.76	Surjani Town
35	SR-9	-B11	248.76	Surjani Town
36	SR-10	-B11	248.76	Surjani Town
37	SR-11	-B11	248.76	Surjani Town
38	SR-12	-B11	248.76	Surjani Town
39	SR-13	-B11	248.76	Surjani Town
40	SR-16	-A7	401.85	Surjani Town
41	SB-17	-A11	401.85	Surjani Town
42	SB-129	6-C	803.71	Surjani Town
43	SC-5	6-C	803.71	Surjani Town
44	SC-6	6-C	803.71	Surjani Town
45	SC-7	6-C	803.71	Surjani Town
46	SC-8	6-C	803.71	Surjani Town
47	SC-9	6-C	803.71	Surjani Town
48	SC-10	6-C	803.71	Surjani Town
49	SC-19	6-C	803.71	Surjani Town
50	SC-20	6-C	803.71	Surjani Town
51	SC-21	6-C	803.71	Surjani Town
52	SC-22	6-C	803.71	Surjani Town
53	SC-23	6-C	803.71	Surjani Town
54	SC-24	-C6	803.71	Surjani Town

پلاٽس الاٽمينٽس عام شرط ۽ ضابطن جي تحت نيلام ڪيا ويندا. واڪ ڏيندڙن جي ڄاڻ ۽ سهولت جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل قاعده ۽ ضابطا شايع ڪيا ويندا.

- ☆ دلچسپي رکندڙ ۽ واڪ ۾ شرڪت ڪندڙن کي نيلامي جي شروعات کان اڳ هر هڪ پلاٽ جي لاءِ مٿي ڏنل سيڪيورٽي ڊپازٽ جو پي آرڊر پنهنجي (ذاتي اڪائونٽ) مان KDA جي حق ۾ جاري ڪيل هجي جمع ڪرائڻ ڪانپوءِ نيلامي منعقد ڪرائڻ واري آفيسر کان انٽري ٽوڪن حاصل ڪرڻو پوندو. (انٽري ٽوڪن 2 ڏينهن اڳ آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ KDA پهرين منزل سوڪ سينٽر گلشن اقبال ڪراچي مان حاصل ڪري سگهجي ٿو). هڪ انٽري تي صرف ٻن شخصن کي شرڪت جي اجازت هوندي. نيلامي عمل جي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ناڪام واڪ ڏيندڙن کي سيڪيورٽي ڊپازٽ جو پي آرڊر واپس ڪيو ويندو.
- ☆ سڀ کان وڌيڪ واڪ ڏيڻ واري واڪ ڏيندڙ کي ايراضي جي ڪل قيمت جو 25% جو پي آرڊر (پنهنجي ذاتي اڪائونٽ) مان ٽن ڏينهن اندر لازمي جمع ڪرائڻو پوندو. مذڪوره 25% OV جمع نه ڪرائڻ جي صورت ۾ واڪ منسوخ ڪيو ويندو ۽ سيڪيورٽي ڊپازٽ ضبط ڪئي ويندي.
- ☆ سڀ کان وڌيڪ واڪ ڏيندڙ واري کي موقعي تي هي قومي شناختي ڪارڊ جي فوٽو ڪاپي ۽ ٻي معلومات جمع ڪرائڻي پوندي.
- ☆ اهڙو ڪامياب واڪ ڏيندڙ جنهن جي آڇ جي KDA طرفان مقرر ڪيل آڪشن ڪميٽي ۽ KDA، Governing Body منظوري ڏيندي. ان کي واڪ جي قبوليت/ايلوڪيشن ليٽر جي اجراءَ جي تاريخ جي 15 ڏينهن اندر ڪل رقم Occupancy Value جي 25% جي ٻي قسط ادا ڪرڻي پوندي ۽ Occupancy Value جو 50% توڙي گهربو وڃي يا نه واڪ جي قبوليت/ ايلوڪيشن ليٽر جي اجراءَ سان 120 ڏينهن اندر جمع ڪرائڻو پوندو. الاٽمينٽ آرڊر ڪل OV جي ادائگي تي جاري ڪيو ويندو.
- ☆ ليز جا حق مقرر قائدن ۽ ضابطن مطابق 99 سالن جي لاءِ ڏنا ويندا.
- ☆ پلاٽ جي درست ايراضي سائيٽ تي ڊيمارڪيشن ۽ ماپ مطابق ڳڻيو ويندو.
- ☆ ڪي ڊي اي نيلامي دوران يا نيلامي ڪانپوءِ بنا ڪنهن سبب ڄاڻائڻ جي ڪنهن به واڪ/آڇ کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
- ☆ واڪ ڏيندڙ/ ڏيندڙن کي پلاٽ جي خريداري تي FBR جو 10% انڪم ٽيڪس يا (تبديل ٿيل گورنمينٽ پاليسي مطابق) ادا ڪرڻو پوندو.
- ☆ هي نيلامي پروگرام KDA جي ويب سائيٽ www.kda.gos.pk تي فيس بڪ لائيو ڪوريج ذريعي ڏسي سگهجي ٿو.

تفصيلن ۽ معاونت جي لاءِ مهرباني ڪري رابطو ڪيو:
ايڊيشنل ڊائريڪٽر آڪشن لينڊ مئنيجمينٽ KDA ٽرڊ فلور سوڪ سينٽر ڪراچي: فون: (021)99231147

سيد عاطف حسين نقوي
ڊائريڪٽر لينڊ اينڊ مئنيجمينٽ
ٽرڊ فلور سوڪ سينٽر گلشن اقبال ڪراچي

No. KDA/ADVT-01/2026 | INF/KRY No. 0176/2026

iWORK FOR SINDH | JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

ٿر ۾ جديد دور ۾ مصنوعي ذهانت (AI) جي اهميت“ تي سيمينار منعقد

ڪراچي يونيورسٽي ۾ هنگورجا ايجوڪيشنل ويلفيئر ايسوسيئيشن جي تعاون سان سيمينار منعقد ڪيو ويو

مقررن آرٽيفيشل انٽيليجنس، ڊيٽا سائنس ۽ مشين لرننگ جهڙن شعبن ۾ روزگار جا موقعا بيان ڪيا

ٿر جي نوجوانن کي ڊجيٽل مهارتن سان ليس ڪرڻ ۽ جديد تعليم تائين رسائي لاءِ زور ڀريو ويو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: شهزادي زارا آغا خان يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن ۾ شريڪ آهي

مورو: زائرين جي ٽريڪٽر ٽرالي تان ڪري 13 سالا نينگر فوت

سيوهڻ شريف قلندر لعل شهباز جي زيارت بعد واپسي دوران حادثو پيش آيو

ذاڪر علي ابڙو ٽرالي تان ڪرڻ سبب موقعي تي ئي دم ڌڻي حوالي ڪيو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

رائڊ ڏائون ڪاميٽي طرفان پنج نوان لوڊر رڪشائن جو افتتاح

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

مٽياري پرسان هٿياربندن جي زمين تي ڪاهه، چوڪيدار يرغمال، سولر سسٽم تباهه

پنهون ابڙو جي زرعي زمين تي رات دير سان هٿياربندن فائرنگ ۽ ڀڃ ڊاهه ڪئي

16 سولر پليٽون ٽوڙي انويٽر ڪٽي ويا، چار لک کان وڌيڪ جو نقصان

مٽياري (ڊ ر) مٽياري لڳ سيڪاٽ ڳوٺ جي حد ۾ زميندار پنهون ابڙو جي زرعي زمين تي رات دير سان اٺ ڄاڻل چور داخل ٿي چوڪيدار خير محمد چوهاڻ کي يرغمال بڻائي مارڪٽ ڪرڻ بعد زنجيرن سان جڪڙي زرعي زمين تي لڳل 16 سولر پليٽن کي ٽوڙي انويٽر ڪٽڻ بعد ۾ فائرنگ ڪندي لکين روپين جو نقصان پهچائي موقعي تان فرار ٿي ويا، جڏهن ته 16 سولر پليٽون ڀڃڻ سان ٽوڙي ۽ هڪ انويٽر ڪٽي تقريبن 4 لک کان وڌيڪ جو نقصان ڏئي فرار ٿي ويا آهن زميندار جو چوڻ آهي ته اطلاع ڏيڻ باوجود سيڪاٽ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ميهڙ لڳ ٽرالر جي موٽرسائيڪل سان ٽڪر، مڙس زخمي، اسپتال منتقل

ميهڙ (ن ع) ميهڙ انڊس هاءِ وي ٻاءِ پاس روشن ڌارا اسڪول کان ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر موٽرسائيڪل تي سوار زال مڙس سخت زخمي مقامي ماڻهن زخمين کي تعلقه اسپتال ميهڙ پهچايو جتي زخمين کي طبي امداد ڏئي وڌيڪ علاج لاءِ لاڙڪاڻو منتقل ڪيو ويو زخمين جي سڃاڻپ ڳوٺ آراضي جي رهواسين وزير علي ٻبر ۽ سندس زال مراداڻ ٻبر طور ٿي ٽرالر ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي سيڪشن پوليس ٽرالر کي پنهنجي تحويل بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: اسپيڪر اياز صادق کي تصويرن جي نمائش بابت ڄاڻ ڏني پئي وڃي

ميرپورساڪرو ۾ ٻن ڌار واقعن ۾ ٻه نوجوان فوت

ٻ ٻ آڳڙي فقير سڪندر جو پٽ فقير انيس منگنهار قاهر ڪاٽي زندگي جو انت آڻي

ڳوٺ يار محمد ڪاتيار جو نوجوان شيرعلي ڪاتيار پاڻي جي کڏ ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

سکر: سنڌ حڪومت رٽائرڊ ملازمن لاءِ 29 ارب 90 ڪروڙ پينشن واجبات جاري ڪري ڇڏيا

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد ۾ شهيد حڪيم محمد سعيد جي ياد ۾ تقريب، خراج عقيدت پيش

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: سينيٽر مشاهد حسين سيد همدرد اسيمبلي کي خطاب ڪري رهيو آهي

حيدرآباد ۾ نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري پوليس اهلڪار کي قتل ڪري ڇڏيو

جي او آر ۾ هوٽل تي ويٺل پوليس اهلڪار لياقت زنگيجو کي هٿياربند گوليون هڻي فرار ٿي ويا

ڊي ايس ايف پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي سول اسپتال پهچايو، پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي

پوليس اهلڪار کي دشمني تحت قتل ڪيو ويو آهي، سنڌس پٽ تي قتل جو الزام هيو: پوليس

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ڊاڪٽر قيصر بنگالي سيمينار کي خطاب ڪري رهيو آهي

لکي غلام شاهه لڳ پوليس اهلڪار يرغمال، سرڪاري هٿيار ڦر

هٿياربندن اهلڪار تي تشدد ڪري هٿيار ڦري فرار ٿي ويا

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: ماروي ايڪسپريس انجڻ فيل ۽ متبادل انجڻ نه اچڻ سبب مسافر پنج ڪلاڪ رلندا رهيا

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ٽنگريگرو ۾ سنڌ جي ثقافتي ماڳ جي کٽائي خلاف 53هين ڏينهن به بک هڙتال

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڏيپلو: فوتي نوجوان جو لاش پيل آهي

ٽنڊوباگو ۾ ڪڻڪ جو اٽو بليڪ تي وڪرو في من پنج هزار کان مٿي وڪامڻ لڳو، شهري پريشان

ٽنڊوباگو (ت ر) ٽنڊوباگو ۾ ڪڻڪ جو اٽو بليڪ تي وڪرو ٿيڻ لڳو آهي ۽ ڪڻڪ جو اٽو في من پنج هزار کان ٻ مٿي وڪرو ٿيڻ ڪري غريب طبقي وارا سخت پريشان ٿي رهيا آهن ۽ هڪ ويلي جي ماني کپي لاءِ پڻ پريشان آهن ۽ سرڪار طرفان ڏهه هزار بورين ڏنيون ويون آهن انهن ڪڻڪ جي بورين جي ڪاب خبر ناهي ته ڪٿهن ويون بليڪ تي وڪرو ٿيون يا گم ڪيون بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ ستن سالن جو نينگر کليل گٽر ۾ ڪري ٻڏي فوت

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: کليل گٽر ۾ ڪري فوت ٿيل نينگر جو لاش پيل آهي

مٽياري: آل سنڌ پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن جي چونڊ، محمدي پينل بنا مقابلي ڪامياب

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

مٽياري لڳ ڳوٺ خدا بخش موندراڻي اسڪول ۾ استاد مقرر نه ٿيو

منظور ٿيل سرڪاري اسڪول گذريل ڇهن مهينن کان استاد کان سواءِ هلڻ لڳو

ٻار ٻڪريون چاري، ڪلو ميڊر پڙهڻ ڪري اسڪول اچن ٿا پر تعليم حاصل ڪرڻ بنا موٽن ٿا: ڳوٺاڻا

مٽياري (ڊ ر) ڳوٺ خدابخش موندراڻي ڪوسو جي منظور ٿيل اسڪول ۾ ڇهن مهينن کان استاد مقرر نه ٿي سگهيو ٻار تعليم کان محروم يونين ڪائونسل سيڪاٽ جي ڳوٺ خدابخش موندراڻي ڪوسو ۾ قائم منظور ٿيل سرڪاري اسڪول گذريل ڇهن مهينن کان استاد کان سواءِ هلي رهيو آهي، بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد شهر جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو گهوڙن جي ڊوڙ جا مقابلا، شهرين جي شرڪت

سنڌ حڪومت جي رانديون ۽ نوجوانن واري کاتي تحت صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر جي هدايتن تي مقابلا منعقد ڪيا ويا

مقابلن ۾ ڪلياواڙي، هرزئي، بلوچستاني ۽ ديسي نسل جي لڳ ڀڳ 150 گهوڙن شرڪت ڪئي

ونٽر اسپورٽس فيسٽيول 2026 تحت ايندڙ ڏينهن ڪوڏي ڪوڏي ۽ ونجهه وٽي جا مقابلا منعقد ڪيا ويندا

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد شهر جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سنڌ حڪومت جي رانديون ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي پاران گهوڙن جي ڊوڙ جا مقابلا منعقد ڪيا بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ثقافت کاتي پاران ڪرايل گهوڙن جي ڊوڙ ۾ شهسوار گهوڙا ڊوڙائي رهيا آهن

حيدرآباد: ايس ڊي اي ملازم جو پگهار ۽ پينشن نه ملڻ خلاف احتجاج

400کان وڌيڪ ملازم 14 مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهيون: مظاهرين

سنڌ حڪومت 50 ڪروڙ رپين جي گرانٽ منظور ڪري فوري ادائيگي ڪئي وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سيوهڻ ڊولپمينٽ اٿارٽي ايمپلائيز ايسوسيئيشن سي بي اي (ايس ڊي اي) ڄامشورو جي ملازمن 14مهينن جي پگهار ۽ پينشن نه ملڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون غلام شبير ڄاجاري، غلام شبير ٻنگ، مرتضيٰ جمالي، زوهيب صديقي، نديم ظفر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي. ان موقعي اڳواڻن چيو ته سنڌ حڪومت پاران پگهارن ۽ پينشن جي مد ۾ 50ڪروڙ رپين جي گرانٽ نه ملڻ بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ وڪيلن جو غيرقانوني پارڪنگ فيس خلاف احتجاج، ڌرڻو

صدر، ڊاڪٽر لائن ۽ روزانو سوين ڀيرا پارڪنگ فيس ڏيڻ تي مجبور آهيون: مظاهرين

شهر ۾ قانوني پارڪنگ ايريا نه آهي، غيرقانوني فيس وصول ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ عدالتي حڪمن باوجود غيرقانوني پارڪنگ ايريا ختم نه ڪرڻ ۽ ٽيڪس جي وصولي خلاف وڪيل برادري پاران ايڊووڪيٽ فيصل مغل،ايڊووڪيٽ نويد جروار جي اڳواڻي ۾ ايس ايس پي چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. ان موقعي تي وڪيل برادري غيرقانوني پارڪنگ فيس جي وصولي خلاف نعريبازي ڪئي .هنن چيو ته عدالتي منع بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي پرسان ٽرڪ جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت، هڪ ڄڻو زخمي

رتوديرو روڊ جي وارهه پل وٽ تيز رفتار ٽرڪ جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ 5 سالن جو محمود پٽ عمر جوڻيجو فوت ۽ قربان زخمي ٿيو

لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي پرسان تيز رفتار ٽرڪ جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار هڪ ڄڻو فوت، هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو ان سلسلي ۾ رتوديرو روڊ جي وارهه پل وٽ تيز رفتار ٽرڪ جو بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: آمريڪي ماهرن جي نگراني ۾ موهن جي دڙي جي مرمت ۽ کاٽي کٽي پئي وڃي

اسلام ڪوٽ ۽ ڀرپاسي زلزلي جا جهٽڪا، ماڻهن ۾ خوف

زميني آواز سان زلزلي جا جهٽڪا محسوس ٿيڻ بعد ماڻهو گهرن کان ٻاهر نڪري آيا

جهٽڪن سبب ڪجهه گهرن کي معمولي نقصان، ڪو به جاني يا مالي نقصان نه ٿيو

مٺي (ڊ ر) گذريل رات دير سان هڪ وڳي ڌاري مٺي ۽ اسلام ڪوٽ سميت ڪافي ڳوٺاڻن علائقن ۾ خوفناڪ زميني آواز سان زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪيا ويا جنهن سبب ماڻهو خوف وچان گهرن کان ٻاهر بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ ڌاڙيلن ۽ پوليس ۾ مقابلي دوران ڦورو مارجي ويو، هڪ اهلڪار شهيد

سائيٽ ايريا باواني چالي ويجهو مقابلي دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڦورو مارجي ويو

مٿي ۾ گولي لڳڻ سبب زخمي ٿيل اهلڪار واجد کي اسپتال نيو پئي ويو ته هن رستي ۾ دم ڏني حوالي ڪيو

گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار پاران رپورٽ طلب، ايس ايس پي ڪياماڙي امجد شيخ اسپتال پهتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي سائيٽ ايريا باواني چالي ۾ پوليس مقابلي دوران سخت زخمي ٿيل پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويو جڏهن ته هڪ ڦورو مارجي ويو ڇيپا ذريعن موجب زخمي اهلڪار کي عباسي شهيد اسپتال کان آغا خان اسپتال ڇيپا ايمبولينس ۾ منتقل ڪيو پيو وڃي ته هو رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو پوليس عملدارن موجب شهيد پوليس اهلڪار جي سڃاڻپ واجد جي نالي سان ٿي آهي عمر 27 سال هئي جيڪو سائيٽ اي ايريا پوليس ٿاڻي ۾ مقرر هو ۽ پوليس مقابلي دوران ان جي مٿي ۾ گولي لڳي هئي اهلڪار وڏي بهادري سان ڦورن بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: سينئر صحافي محمد رمضان پنهور جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي پئي وڃي

شهدادپور: پريس ڪلب جا نوان چونڊيل عهديدار

حيدرآباد جي صحافي امتياز چانڊيو جي والد جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري

جهٽ پرڪاش موراڻي، غلام حسين خاصخيلي، ڄام فريد لاکو، جاني خاصخيلي تعزيت ڪئي

منصور مري، انور چانڊيو، مختيارعلي وڪر، اعجاز لغاري، ساجد علي خان ۽ ٻين پڻ تعزيت ڪئي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي سينيئر صحافي امتياز چانڊيو ۽ اعجاز چانڊيو جي والد سرهوخان چانڊيو جي وفات تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي. ڪالهه به سينيئر صحافين سياسي، سماجي اڳواڻن تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي. حيدرآباد پريس ڪلب جي نائب صدر جهٽ پرڪاش موراڻي ، سينئرصحافي براڊڪاسٽر سخي غلام حسين خاصخيلي حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سيڪريٽري ڄام فريد لاکو ليڪ امداد سومرو سينئرصحافي جاني خاصخيلي ، منصور مري، انور چانڊيو مختيارعلي وڪر اعجاز لغاري، ساجد علي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

مورو: سينئر صحافي صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڊڙو لاڏاڻو ڪري ويو

مورو(ن ع) مورو جو سينئر صحافي ليکڪ درگاهه پيارو سائين جو گادي نشين مهراڻ طبيه ڪالج مورو جو باني، ڪانڊڙا برادريءَ جو پڳدار صوفي غلام مصطفيٰ ڪانڊڙو ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازي جي نماز خليفي سائين جي جنازي گاهه ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي علمي ادبي مذهبي قومپرست اڳواڻن صحافين وڪيل برادريءَ ڊاڪٽرن شهرين مختلف برادرين جي معززين سميت هر مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جنازي نماز بعد مرحوم کي اباڻي قبرستان ڳوٺ خدا بخش ڪانڊڙو عرف ڪانڊڙا ڪالوني ۾ سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته پوئتن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

لاهور: وفاقي وزير راڻا تنوير حسين ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ معذور نوجوان جو پوليس ۽ ٻاڻرن خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

لاڙڪاڻو(س ر) لاڙڪاڻي شهر جي حسينير ڪالوني وڻ جي رهواسي معذور نوجوان سول لائين پوليس ۽ ٻاڻرن جي مبينا زيادتين خلاف قائد عوام پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو جنهن دوران هن ٻڌايو ته معان پيٽرول هاري ٻاهر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي موقعي تي موجود صحافين ڪيمراميـن ۽ پوليس بچائي ورتو ان موقعي تي معذور نوجوان فياض مغيري ڏانهينڊي چيو ته مان انتهائي غريب بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ غير قانوني پارڪنگ ۽ ٽريفڪ جام معمول بڻيل، شهري پريشان

ڪاروباري مرڪزن ۾ حدڪلين ۽ دڪانن ٻاهران پارڪنگ سبب ٽريفڪ جام ٿيڻ لڳي

شهري ۽ سماجي حلقن جو اعليٰ اختيارين کان ڪارروائي ڪري مسئلا حل ڪرڻ جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ ڪيترن ئي سالن کان هلندڙ ٽريفڪ جام جو مسئلو اڃا تائين حل نه ٿي سگهيو آهي ٽريفڪ جام هڪ معمول بڻجي چڪو آهي، جنهن جي ڪري مسافر گاڏيون مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيون آهن اتي شهري آمدورفت ۾ به سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن سکر جي ڪمرشل ۽ ڪاروباري مرڪزن اهم شاهراهن ۽ مصروف ترين تجارتي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ بيواهه عورت جو پراسرار نموني گم ٿيل پٽ جي بازيابي لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو(س ر) لاڙڪاڻي شهر جي رحمت پور ڳاسليٽ ڊيپو واري علائقي جي رهواسڻ پيرسن بيواهه عورت مهينو اڳ پراسرار نموني گم ٿي ويل نوجوان جي پٽ جي ڳولا ۾ مدد لاءِ سندس دوست سان گڏجي قائد عوام پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي پيرسن بيواهه عورت انور خاتون زال مرحوم ممتاز مغيري پٽ جي دوست جنيد ساريو سان گڏجي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ لکن برادري جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

سکر(بيورو رپورٽ) ديها لڳ ڳوٺ رضا محمد لکڻ جي رهائشي لکڻ برادري جو معصوم ٻارن سميت ٿماچاڻي ٿاڻي جي پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي احتجاج ڪندڙن پرويز لکڻ محمد پنجل رضا محمد، محمد رمضان حبيب الله گلزار احمد، عبدالغفور علي احمد،امام ڏنو اڪبر علي لکڻ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گذريل 12 تاريخ تي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڪنڊ ۾ گرلس مڊل اسڪول ٻن سالن کان بند، ٻارڙين جي تعليم تباهه، احتجاج

عمارت تيار هوندي به بند ڪلاس شروع نه ٿيڻ تي شهرين جو احتجاج مظاهرو ڪيو

ڪلاس شروع نه ٿيڻ سبب ٻارڙين جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي: مظاهرين

ڪنڊ (ن ع) ڪنڊ شهر ۽ مختلف ڳوٺن جي ٻارڙين جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي ايجوڪيشن کاتي جي لاپرواهي ۽ نااهلي سبب ٻن سالن کان عمارت تيار هوندي به بند ڪلاس شروع نه ٿيڻ تي شهرين جو احتجاج مظاهرو ان موقعي تي سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين محمد رمضان ٻبر فقير عبدالنبي ساريو برڪت علي جويو نديم ملاح، نثار احمد، ممتاز علي، احسان مري ۽ ٻين چيو آهي ته گذريل ٻن سالن کان گرلس مڊل اسڪول جي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل هيڊ ماستر تي سرڪاري اسڪول جي پراپرٽي ڪپائڻ جا الزام

اسڪول ۾ راڪاس ڦيرائڻ، وڻ وڍڻ ۽ مشڪ بيد ڪٽي ويو آهي: ذريعا

موڙرن، ڪرسين ۽ بجلي جون تارون وڪرو ڪيون آهن، ملازم به ريزا تي رکيل آهن

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل گورنمينٽ (اين) ايم ايس پبلڪ هاءِ اسڪول پنوعاقل جو هيڊ ماستر محمد يوسف سومرو اسڪول ۾ سرڪاري پراپرٽي تي راڪاس ڦيرائي ڇڏيون سرڪاري پراپرٽي ڪپائي ڇڏيائين جڏهن ته ڪجهه استاد پڻ ريزا تي موڪلڻ جو انڪشاف، تازو ئي اسڪول جي دروازي تي بيٺل انب جو وڻ وڍائي وڪڻي ڇڏيائين اُن کان اڳ ۾ مذڪوره شخص اسڪول جا مشڪ بيد پڻ ڏينهن ڏٺي جو وڍائي ڪٽي ويو جيڪو هن جو عمل هيٺ ڏنل وڊيو ۾ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: قتل ٿيل پوليس اهلڪار جو لاش پيل آهي

سکر ۾ مقتول شمس الدين مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

چار مهينا گذري ويا پر قاتل پوليس گرفتار نه ڪري سگهي آهي: مظاهرين

قاتل سرعام گهمندا رهن ٿا ۽ اسان کي ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ ڌمڪايون پيا

سکر(بيورو رپورٽ) ڌوهارين ڪچي ۾ رهندڙ ماڻهن جي ننڊ حرام ڪري ڇڏي، چار مهينا اڳ قتل ٿيل شمس الدين مهر جا قاتل پوليس کان زور ٿي ويا. مقتول جي وارثن وڏيرو عبدالرحيم مهر، خادم حسين، محمد قاسم مهر، عبدالخالق مهر، ڪمال الدين مهر ۽ ٻين جو سکر ۾ احتجاج قاتلن جي گرفتاري سميت انصاف جي گهر ڪئي آهي. هنن جو چوڻ هو ته چار مهينا گذري ويا پر هن وقت تائين مقتول شمس الدين مهر جا قاتل ڪڏهري پوليس گرفتار نه ڪري بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

شهدادپور: روڊ حادثي ۾ جياپي وڃائيندڙ ٻن ڀائرن جا فائيل فوٽو

خيرپور: پراسرار طور گم ٿيل نوجوان آڪاش لولائي هٿ نه آيو، وارث پريشان

موٽرسائيڪل هلائيندڙ نوجوان گذريل ڇهن ڏينهن کان غائب آهي: وارث

ڪافي ڳولا باوجود ڪا خبر ناهي پئجي سگهي، پوليس ڳولا ۾ مدد ڪري

خيرپور(ڊ ر) بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ چنا سمنگ جو رهواسي ڪرائي تي موٽرسائيڪل هلائيندڙ نوجوان گذريل ڇهن ڏينهن کان پراسرار نموني گم، ٿاڻي تي اين سي داخل، وارثن جو احتجاج ڳوٺ چنا سمنگ جو رهواسي موٽرسائيڪل ڪرائي تي هلائيندڙ نوجوان آڪاش لولائي گذريل ڇهن ڏينهن کان پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي جنهن جو ڪو به ڏس پتو نه پئجي سگهيو آهي جنهن سبب وارث سخت پريشان آهن ان سلسلي ۾ گم ٿي ويل بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور ٻار پاران سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر قربان علي ملاح جي ڪاميابي تي تقريب

صدر اعجاز چانڊيو ايڊووڪيٽ تقريب ۾ خطاب ڪندي ڪامياب اميدوارن کي مبارڪباد ڏني

سنڌ جي وسيلن ۽ عوام جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي: وڪيل

خيرپور(ڊ ر) خيرپور بار جي صدر اعجاز علي چانڊيو ايڊووڪيٽ پاران سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبرن جي ڪاميابيءَ تي تقريب منعقد ڪئي وئي تفصيل موجب خيرپور بار ايسوسيئيشن جي صدر اعجاز علي چانڊيو ايڊووڪيٽ پاران سنڌ بار ڪائونسل ۽ پاڪستان بار ڪائونسل جي چونڊن ۾ شاندار ڪاميابي حاصل ڪندڙ ايڊووڪيٽ قربان علي ملاح (ميمبر سنڌ بار ڪائونسل ۽ ميمبر جوڊيشل ڪميشن) جي ڪامياب تي وڪيلن جي سهڪار جي ساراهه ڪئي، بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڊيپلو: تعليم کاتي جي ڊائريڪٽر ميرپورخاص جو ڪارنامو، فوت ٿيل استاد کي شوڪاز نوٽيس جاري

ڊيپلو(ن ع) تعليم کاتي جي ڊائريڪٽر ميرپورخاص پاران هڪ عجيب ڪارنامو سامهون آيو جنهن ۾ بهتر تعليم جي پٽ واڪي ٿي وئي آهي. ڊائريڪٽر ميرپورخاص خاص پاران گوسڙو استادن کي جاري ڪيل شوڪاز نوٽيس ۾ ڊيپلو بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم جي ديني مدرسي فيصل مسجد ۾ ساليانو دستاربندي ۽ انعام ورهائڻ جي تقريب

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي ديني مدرسي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس جي ڪارروائي، هٿيار هٿ، هڪ ڌاڙيل گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر) هنگورجا ٿاڻي جي ايس ايڇ او بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

سخت سردي ۾ گيس ۽ بجلي جي عدم دستيابي سراسر ظلم آهي: نصير ڏيٿو

ڪجهه علائقن کي ڪٽ ڪري اثر رسوخ وارن ماڻهن کي بجلي فراهم ڪئي وڃي ٿي

ساڳي طرح گيس به بند رکيو وڃي ٿو، گيس ۽ واپڊا وارن کان پڇڻ وارو ڪو به ناهي

خيرپور(ڊ ر) انجمن تاجران جي نائب صدر نصير ڏيٿو پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سخت سردي ۾ گيس ۽ بجلي جي عدم دستيابي سراسر ظلم آهي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ان جو نوٽيس وٺي انجمن تاجران جي نائب صدر نصير ڏيٿو چيو ته خيرپور ته خيرپور سٽي ۽ ٻين علائقن ۾ گيس ۽ بجلي جي شديد ڪوٽ ۽ غير اعلانيل بندش تي سخت ڳڻتي جو اظهار بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: وڪيل غير قانوني پارڪنگ لاٽن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور پوليس جي ڪارروائي، قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس جي اهم ۽ ڪامياب ڪارروائي، قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتارتفصيل موجب ڪنڊو مستي ٿاڻي جي ايس ايڇ او پنهنجي عملي سميت پيري موڙ وٽ ڪارروائي ڪندي قتل ۾ ملوث جوابدر پرويز علي ڀيلپوٽو کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار معمولي جهيڙي سبب مقتول نظام الدين ڀيلپوٽو کي لٺيون هڻي قتل ڪيو هو جنهن جو ڪيس ٿاڻو ڪنڊو مستي تي داخل ڪيو ويو هو بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ ڦر دوران هٿياربندن جي عورتن تي تشدد، ڳوٺاڻن جو احتجاج

درگاهه محبوب شاهه وٽ هٿياربندن موٽرسائيڪل ڦر دوران عورتن ۽ عبدالشڪور ميتلو تي تشدد ڪيو

ڳوٺاڻن جو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو، ايس ايس پي خيرپور کان ڪارروائي جي گهر

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي شاهه حسين ٿاڻي جي حد ۾ هٿياربندن پاران ڳوٺاڻي کان موٽر سائيڪل ڦر دوران عورتن تي تشدد، زخمي ڪرڻ بعد هٿياربند فرار واقعي خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج ڳوٺ ڳاٻر ميتلو پرسان درگاهه محبوب شاهه وٽان هٿياربندن عورتن سان گڏ ويندڙ موٽرسائيڪل سوار عبدالشڪور ميتلو کي هٿيارن جي زور تي روڪي ورتو هٿياربندن موٽرسائيڪل ڦر دوران ڳوٺاڻي عبدالشڪور ۽ عورتن کي سخت تشدد جو نشانو بڻايو ۽ موٽرسائيڪل بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ملتان: هڪ ڪاريگر ڪٽن جا پاوا ٺاهي رهيو آهي

هيڪ جي QAA تحت فريم ورڪ موجب يونيورسٽي جي ڪارڪردگي جو آر آءِ پي جائزو

شاگردن، استادن ۽ انتظامي عملي سان ملاقاتن ذريعي جامع ثبوت تي ٻڌل آڊٽ ڪيو

ٽيم يونيورسٽي جي معيار، انفراسٽرڪچر ۽ بين الاقوامي رابطن جي واڌاري لاءِ قدمن جي تعريف ڪئي

سکر (بيورو رپورٽ) هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) پاڪستان پنهنجي ڪواليٽي ايشورنس ايجنسي (QAA) جي تحت، پاڪستان اسٽينڊرڊز اينڊ گائيڊ لائنز 2023 (PSG-2023) جي فريم ورڪ جي اندر IBAيونيورسٽي سکر ۾ اداري جي ڪارڪردگي وڌائڻ (RIPE) جو جائزو ورتو ڪن ڏينهن جو جائزو جيڪو 13 کان 15 جنوري تائين جاري رهيو HECجي RIP پائلٽنگ انيشيئيٽو جو حصو هو جنهن جو مقصد اعليٰ تعليمي ادارن ۾ ٻاهرين معيار بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان ڳوٺاڻو مُحب علي ڪانهر مبينا اغوا، وارثن جو احتجاج

مال پڙي مان نامعلوم هٿياربندن ڪار ۾ کڻي ويا، نوجوان جو ڪو ڏس پتو ناهي: وارث

ايس ايس پي خيرپور گم ٿيل نوجوان جي ڳولا لاءِ نوٽيس وٺي فوري ڪارروائي ڪري

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پرسان ڳوٺ علي بخش ڪانهر جو رهواسي ڦيڙهي شهر جي مال پڙي مان مبينا طور اغوا وارثن جو پريس ڪلب خيرپور ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي رياض علي ڪانهر محمد يونس ڪانهر يار محمد ڪانهر قلندر بخش ڪانهر ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ صحافين اڳيان ڏانهيندي چيو ته اسان جو نوجوان مُحب علي پٽ گلزار ڪانهر اڄ صبح ڦيڙهي شهر جي مال پڙي ۾ ٻڪرا کپائڻ آيو هيو جنهن بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

شڪارپور بچايو تحريڪ جي چونڊ، مولانا مسعود احمد قادري چيئرمين مقرر

شڪارپور (ڊ ر) شڪارپور بچايو تحريڪ جي سال 2026ع جي ساليانى چونڊ، چيئرمين اليڪشن ڪميٽي ڊاڪٽر طاهر سومرو معاون ايڊووڪيٽ زاهد پنهور ۽ عبدالغفور دايو ي نگراني ۾ منعقد ڪئي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سکر شهر ۾ سوين صفائي عملي باوجود ڪچري جا ڍير، شهري پريشان

ميونسپل ڪارپوريشن ۽ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ۾ عملي موجود هئڻ باوجود صفائي ناقص

شهري ۽ سماجي حلقن جو چيف جسٽس، وزيراعظم ۽ صوبائي اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) سوين صفائي عملي جي باوجود شهر ۾ صفائي جو فقدان آهي، شهري ۽ سماجي حلقن ۾ پريشاني جي لهر چيف جسٽس آف پاڪستان کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو تفصيل موجب، سکر ميونسپل ڪارپوريشن ۾ سوين صفائي عملي ۽ سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ڪمپني ۾ ڪيترن ئي نون صفائي عملي جي ڀرتين جي باوجود، سکر شهر ۾ صفائي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: وفاقي راڄڌاني ۾ روڊن جو تعميراتي ڪم ٿي رهيو آهي

گهوٽڪي جي عدالت زال کي قتل جي ڏوهه ۾ جوابدار کي ڦاهي ۽ پنج لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي جي عدالت گهرواري کي بي رحمي سان قتل ڪرڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي مڙس کي ڦاهي ۽ پنج لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج نزاڪت علي ڏانوري جي عدالت جوابدار عبدالقادر وسير خلاف ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي ڪيس بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

منهنجي عزيزن جي اڻين ورسي آهي پر افسوس انصاف ناهي مليو سگهيو: امر رباب

منهنجي والد، ڏاڏي ۽ چاچي کي ان ڪري قتل ڪيو ويو جو هنن سردارن جي غلامي قبول نه ڪئي

انصاف لاءِ آخري دم تائين وڙهندي رهنديس ۽ قانوني جنگ جاري رهندي

رادڻ (ن ع) اڄ منهنجي عزيزن جي اڻين ورسي آهي پر افسوس ته انصاف ناهي مليو سگهيو پ پ قيادت انصاف نه ڏنو پر تعزيت به نه ڪئي ۽ جوابدارن جي مدد ڪئي عدالتن ۾ انصاف جي اميد آهي منهنجي والد ڏاڏي ۽ چاچي کي ان ڪري قتل ڪيو ويو جو هنن سردارن جي غلامي قبول نه ڪئي امر رباب چانڊيو خبر موجب ميهڙ واقعي جي ڪن مقتولن امر رباب چانڊيو جي والد ۽ اڳوڻي يوسي چيئرمين رئيس ڪرم الله چانڊيو سندس پڻ اڳوڻي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

محرابپور: صحافين جو ايس ايڇ او نارو شاهه جي بدتميزي خلاف احتجاج

محرابپور (ت ر) جيئي سنڌ هلچل جي باني سائين جي ايم سيد جي سالگرهه تي ويندڙ قومي ڪارڪنن جي پوليس پاران رستا روڪ ڪري کين گرفتار ڪرڻ جي ڪوريج ڪندڙ يونين آف جرنلسٽس جي ضلعي اڳواڻ صحافي ڊي ايم شاهد سومرو ۽ سنڌ صحافي اتحاد جي ضلع صدر غلام بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: دهل وڄائيندڙ فنڪار روزي جي آسري ۾ ويٺل آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.